


Gul Hayat Institute

# جهڙ نيٽان نہ لُهي

Gul Hayat Institute

# جهڙ نيڻان نہ لهي

(شاعري)

## شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1989ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٻاويهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | جون 1989ع |
| قيمت | -/35 رپيا |
| پڪي جلد سان | -/55 رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

JHURRU NAIN'AAN NA LAHAY (Poetry) written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition June 1989. Price Per Copy Rs. 35/-

Gul Hayat Institute

## انتساب

پنهنجيءَ زال زرينا،
پنهنجي پُٽ ڊاڪٽر سليم ۽ نُنهن لبنا
جي نالي
جن بيماريءَ ۾ منهنجي ڏاڍي
خدمت ڪئي

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# فهرست

سهاڳ

"جهڙ نيڻان نہ لهي" ۱۳–۱۷۸ صفحو

(۱)

پيار

جئن واهوندڙي واهُ ۾، پيرَ پٽن ڏکن،
ڇاتيءَ اِيئن لڳن، مون سان منهنجا سپرين..... ۱۳–۱۷

فن

جهوليءَ جهليان ڪيئن مان، ڌرتي ايڏا دانَ!
ڪيئي وايون مينهن جئن، ڪيئي گيت مهانَ،
مان پانيان ٿو، مان نہ، هي سڀڪجهہ ٻي ڪنهن لکيو...... ۱۸–۲۹

پرڪرتي

هيٺان شهرَ-بتيون، ٽم ٽم ٽم ٽم واءُ ۾،
مٿان نيري نڀَ ۾، ڪارونڀار ڪتيون،
چارئي پار چتيون، ڇڻ آدي اسرار ۾.. ۳۰–۴۸

آفاق-پار

آيو آ ڪجهہ ڏينهڙا، پڃري ۾ پيهي،
پکي پرڏيهي، آڏري ويندو اوچتو..... ۴۹–۶۷

سياست

ڪو منهنجي آواز کي، جيسين ٻوساڻي،
اڄ اوچي ڳائي، ڳايان سو ڳائي وٺان... ۶۸–۸۵

Gul Hayat Institute

(٢)

## سُرُ نارايڻ شام

تنهنجي رکّ ڪٽي ويون، گنگا جون لهرون؛
سنڌوءَ اُڀريون، پانهُون ڦهلايون گهٽيون..... ٨٧—٩٤

(٣)

## نوان سلوڪ، ساميءَ جي نالي

سامي ڪلپت روڳ، ڪونهي جن سنسارَ ۾،
اهڙا ساري ديسَ ۾ ماڻهو پوڄڻ جوڳ،
ڀوڳن ڀوڳَ آيوڳ، ساکي سارَ-سروپ جا..... ٩٥—١١٩

(٤)

## وايون

ڀري ڏانگر، ڏوڪرا، آسُر جو آيون،/ويڙهي واسُ بسنت جو.... ١٢٠
ڪنگوءَ تارا واٽَ تي ڏسي ٽڪ نه ڀيڄُ،.... ١٢١
چنڊ لٿي چانگو/ڀڇي ويو ڪاڪ تي،.... ١٢٢
چانڊوڪيون راتيون/چنبيليءَ جي واسَ ۾.... ١٢٣
دهڪي ٻيئي ڏرَ/ڏسي ڪُوڙن ڪرَ،/اڇن ڏا اڏ زات جو.... ١٢٤
دونهيون ڏنارن/اوري آيون باک کي.... ١٢٥
ڪيڏي آسُر آئي، آهي ڪاريءَ رات کي!... ١٢٦
آمن جا امڪانَ/ڪيڏا ناهن جڳّ ۾!.... ١٢٧
آءُ اُگهيا ڳوڙها،/توکي ڪيئن لڄي ڪيان!.. ١٢٨
سپني جي ويچاڻَ/اڄ آهين اوچتو، ١٢٩
مان ڀانيان مون جيئري آڇٽي آهن تون/.... ١٣٠
ڪونجن قطارون،/آءُ ڏسان تو آيّ ۾.... ١٣١
ساڳيو چوڏهينءَ چنڊُ، وري نه ويساکَ ۾.... ١٣٢

ٽنهنڪري سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر دير سان آيا. هو ر ڳو ايترو چئي سگهيا ته منهنجي دماغ ڪــي خون چڱيءَ طرح نه ٿو پهچي. مون هنن مان آسرو ڇڏي، پنهنجي ۽ زرينه جي ٻئي ڏينهن لاءِ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ورتي.

تڪليف نهايت شديد ٿــي وئي هئي. ٻئي ڏينهن شام جو ڪراچيءَ پهتس ۽ ٽئين ڏينهن صبح جــو سليم مون کــي ڪارڊيو وئسڪيولرانسٽيٽيوٽ (Cardio vascular institute) ۾ ڊاڪٽر سيد اسلم وٽ وٺي آيو، جو هونءَ به منهنجو علاج ڪندو هو. سليم خود ويانا ۾ دل جي مرضن ۾ ڊپلوما ڪورس ڪري آيو هو ۽ اُن اڳيئن شام جو فوراً منهنجي اِي. سي. جي (E.C.G) ڪيڏي چيو ته 'بابا اوهان کي دل جو دؤرو پئجي چڪو هو پر اهو هاڻي سيٽل (Settle) ٿي چڪو آهي'، ۽ منهنجي پڇا تي ٻڌايائين ته ڪن ماڻهن کي دل جو دورو سور کان سواءِ بـه پوندو آهي. ڊاڪٽر اسلم بـه ساڳي ڳــالهه ڪئي ۽ چيائين تــه هينئر مــون کي تڪليف انجائنا (Angina pectoris) جي ڪري آهي، جا بيماري ديرپا آهي ۽ رفته رفته ويندي ۽ چيائين تــه 'هاڻي تــولاءِ وڪالت جــي وڌيڪ گنجائش نه آهي ۽ تون وڌيڪ پريشاني برداشت ڪرڻ جو اهل نه آهين'. هن وڌيڪ چيو ته مان ليٽي پوان ۽ آرام ڪيان. منهنجي پڇا تي هن مون کي پڙهڻ لکڻ جي موڪل ڏني.

مون موٽي اچي وقت گذارڻ لاءِ قرأة العين حيدر جو پوئون ناول ''گردشِ رنگِ چمن'' شروع ڪيو، جو اڳ مون ٽيهه چاليهه صفحا پڙهي پوٽي رکيو هو. مون کي ڪتاب جــو پهريو باب، جــو 'طغرل بيگ جي سراءِ' جي عنوان سان آهي، ڏاڍو وڻيو. اهو ١٨٥٧ جي بلوي جي باري ۾ هو ۽ اُن ۾ ڏيکاريل هو ته طغرل بيگ جي سراءِ ۾ مسلمانن کي انگريزن ڪيئن ڪُٺو هو. ان کان پوءِ ناول ۾ ڪيئي مسلمان ڪردار آيا ها جن بلوي کان پوءِ دهلي، مڌيه پرديش ۽ اُتــر پرديش ۾ طرح طرح جون عقوبتون سٺيون هيون. ناول ۾ اُنهن جــي معاشري ۽ نفسيات جو وسيع ۽ گهرو مطالعو

Gul Hayat Institute

هو، ۽ مان اٽڪل ٻه سو صفحا نهايت دلچسپيءَ سان پڙهي ويس ۽ سوچيندو رهيس ته ان معاشري ۽ نفسيات ۾ ڪهڙا عناصر ها، جن اڄ تائين ڪراچيءَ سميت ساريءَ سنڌ کي آگ ۽ خون ۾ وچڙائي ڇڏيو آهي ۽ ڪوڙا ۽ سچا سياست باز، ٻئي سنڌي- مهاجر مسئلو حل ڪري نه سگهيا آهن. مون کي يقين اچي ويو ته اُن مسئلي جو حل، جو منهنجي شاعريءَ ۾ آهي، آهوئي اُن جو واحد حل آهي. ۽ ياد آيم ته اُن جو نثر ۾ ڪجهه اظهار مان پاڪستان کان اڳ لکيل پنهنجي ڪهاڻيءَ ”پاڙيسري“ ۾ ڪري چڪو هوس، جا ڀهريون ١٩٤٦ ۾ ڇپي هئي. شايد اُن کان به اڳ مون پنهنجي نظم ”او باغي او راج دروهي“ ۾ به ساڳي حقيقت خيال ۾ رکي هئي. مون کي اهو به يقين ٿي ويو ته ’ثبت است برجريده عالم دوام ما‘. هاڻي مان مران ته ڇا، جي جيئان ته ڇا!

رات جو پنج ملي گرام ويليم (Valium 5) وٺڻ جي باوجود ٢ بجي رات جو اک کلي ۽ هڪ ايراني لوڪ ڏُن ڪنن ۾ وڄڻ لڳي:

اين هم رفت و آن هم رفت
از پئے جانان جان هم رفت
رفت، رفت، رفت، رفت. *

اِهو ’رفت‘ ’رفت‘ جو آواز ائين ٿي آيو ڄڻ زندگيءَ جا گذريل سال لانگ مارچ (Long march) ڪندا ٿي ويا. مون وس ڪيو ته وري ننڊ ڪيان پر ننڊ نه آئي. اوچتو شاعريءَ جون آپ- ڪپر ڇوليون اُڏامنديون آيون. مون سوچيو ته هي سٽون جي مون هاڻي نه لکيون ته وري ياد نه اينديون. ٢ بجي رات کان ٦ بجي صبح تائين لکندو رهيس، جيستائين سليم ننڊ مان اُٿيو ۽ مون کي لکندو ڏسي اهو سوچي ڏاڍو پريشان ٿيو ته مان آرام نه ٿو ڪيان.

---

* هو به ويو ۽ هي به ويو
جانان پنتان جيءُ به ويو
ويو — ويو — ويو — ويو.

تائين لکندو رهندو هوس ۽ ٻن مهينن ۾ مون هيءُ سارو ڪتاب لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ ’سُر نارايڻ شيام‘ ٻہ آهي، جو ”ڪونج“ جو ايڊيٽر، هري موٽوائي، مون کان الڳ شايع ڪرڻ لاءِ وٺي ويو.

راتين جو ٻين ٻجي کان ڇهين ٻجي تائين جاڳڻ سبب، منهنجي صحت وڏيڪ خراب ٿي وئي ۽ اڄ تائين خراب آهي پر مان هاڻي رات جو چڱيءَ طرح ننڊ ڪري سگهان ٿو. جي مان هرويرو ڪسر نفسي نہ ڪيان تہ ائين چوان تہ پوريءَ دنيا جي شاعريءَ ۾ اهڙيءَ ڳالهہ جو ڪو مثال شايد ئي هجي. رڳو جرمن شاعر گوئٽي هڪ ٻہ نظم ننڊ مان اٿي لکيا ها تہ اڄ تائين هن جون ڳالهيون ڳائجن ٿيون.

هن ڪتاب جي خاتمي کان پوءِ مون ڀانيو تہ شعلو ٻجهي ويو آهي پر وري ڪجهہ وقت کان پوءِ مان ڏينهن جي وقت، بستري تي ليٽي، ڪجهہ الوداعي گيت لکيا آهن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ زندگيءَ جو سفر اچي پورو ٿيو آهي، ۽ مون کي ايتري مهلت نہ ملندي تہ مان پنهنجي جيئري پنهنجيءَ شاعريءَ کي حقيقت جو روپ وٺندي ڏسي سگهان. پر منهنجي شاعري نيٺ حقيقت جو روپ وٺندي، اِن جو مون کي پورو يقين آهي. هي آيا ڳي برصغير جي سُورن جو ٻيو ڪو علاج ٻہ تہ ڪونهي!

— شيخ اياز
١٨ اپريل، ٨٩ع

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

جئن واهوندي واءُ ۾، پپر پَنَ ڏکن،
ڇاتيءَ ايئن لڳن، مون سان منهنجا سپرين.

مون سان منهنجا سپرين، ڇپ ڇپن آڻي،
ٻن سچو تاڻي، هر هر ساهه سمائيا.

ٻانهون گلن تاريون، ڳچيءَ ۾ پائي،
ڇاتيءَ سان لائي، مون ۾ ڇپيا سپرين.

ٻاٽيءَ تي تنهنجو پيو، ٻيڙيءَ مان پاڇو،
چندرما سپنو، توسان منهنجي راتڙي.

هي ٽڏيرو وائرو، متو، سرءُ چنڊ،
جڻ هي سارو منڊ، مون لئه تنهنجي مُنهن جيان!

تنهنجي چولي واءَ ۾، آڏامي پيئي،
ڏوراهان ڏيئي، آرهه ـ ڏرڪ آڇاتري.

تون ئي منهنجي شاعري، تون ئي منهنجي پريت،
تون جا گونجين گيت، تو ڪئن گيت ٻڌائيان؟

Gul Hayat Institute

چرڪي منهنجيءَ چپ سان، تنهنجي چپ ملي،
پيئون چڻ تہ ڪيلي، ڇپيون هڪڙي هنج ۾.

* آئينءَ مون ڏي اورڙي، پنڌهر اڳٹ سان،
ڇا واريان تنهن تان، جنهن آن جو اوچو ڪيو!

** مون من اِئن چڻ ڪهٽ تي، ڪونج پئي ڪٽڪي،
چيت سدا چٽڪي، سرتي! تنهنجي سنگ ۾.

ميندىءَ گل ڪيڙي، سرتيءَ پنهنجي پيٽ تي،
ڪيڏي رات وڏيري، آڇي منهنجي اکين.

*** باشو جئن پڙڪو ڏئي، ڍانديءَ پکيءَ تي،
ڪلهہ توڪي تاڙي، مون اِئن ڏٺو موهٹي!

Gul Hayat Institute

تنهنجون پانهون سانوري! مون تي وليَن جيئن،
ڪالهہ چنبيليءَ سينءَ، چڻ مون گهاريا ڏينهڙا.

---

* پنڌهر اڳٹ — پيٽ جو آڳٹ
اوچو — اُٹت.
** ڪهٽ — ڪيٽي
*** باشو — باز جو هڪ قسم
ڍانديڙي — ڍنڍ جو.

* جيئين مڇيءَ جهالرو، پکيءَ جيئن وانجهارُ،
مون پڻ تنهنجو پارُ، آهي اُئن ويڙهي ويو.

توسان منهنجو پيارُ؟ آءٌ ڏنو حيران ٿي!
تولئہ منهنجي جندڙي، چڻ کو پکيءَ چارُ،
پر هي قول قرارُ، سارو تنهنجي ماس سان!

جڏهن جهري ماسُ، پوءِ ڏسان تون آن ڪٿي؟
منهنجي سواس-سڳند ۾، هو جو تنهنجو سواس،
مون ۾ کو وشواس، پيدا ڪري ڇو نہ ٿو؟

ساروٽيون سَوَ ساهہ ۾، روز اچن ڪانديون،
وچوڙيل وانديون، چِٽا وانگر چنبڙيا.

سَرءُ اُس ۽ اِئين، سهجهُو، سَرلَ، سپاجهڙي،
تنهنجي پانهن جئين، پياري منهنجي ڪنڌ ۾!

پتڙو آهہ پتڙو، جي تون پالَن پاڙئين،
هرڪنهن گهيڙ گهڙو، ناهي توڪي تارڏو.

---

* جهالرو - مڇيءَ مارڻ جو سنڌ
وانجهار - پکيءَ مارڻ جو هڪ سنڌُ.

ڪيئي ڳـِتا سج ۾، ڳرن پيا ايئن،
مون ڪي روئـِي جيئن، پيڪوڙيو تو پاڪـُرين.

مون آندا ڪشڪول جئن، جڏهن توڏي چـَپ،
مـُرڪي موتين لـَپ، ڏنيئه پنهنجي ڏانوَ سان.

مون آندا ڪشڪول جئن، جڏهن توڏي نيڻ،
وِڏَڏي ۾ تي ويڻَ، ساري ماضيءَ ڏينهڙا.

تون جا مون وٽ ايئن جئن سپني ۾ سپنو،
آڏيءَ اڇي چپو، منهنجي ننڊ نهوڙئين؟

جيوَنُ پينگهون پـَٽ جون، جڏهن لـُڏين تون،
سامهون آهين مون، چڻ ڪنهن سپني وانگيان.

Gul Hayat Institute

هو ڪالهوڪيون ڪامڻيون، مور نه وسارين،
رنگبرنگي پوپٽيون، ور ور آڏارين،
مون کي رُئارين، ڪراچيءَ جون روشنيون.

چـُوڙا ٽـُٽا ڪچ جا، دَبيي دَٻيي دانهن،
مازيچاڻيءَ پانهن، مون ڪان مـُور نه وسري.

ڏُبي ڏٺي هنج جئن، جڏهن نڪتس آنءُ،
هيو منهنجو هانءُ، اڃا چڙهي تہ تلاوَ ۾.

مون کان منهنجي نندڙي، ڇالئہ کسين ٿي؟
تون جا وَسين ٿي، ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾!

آءٌ چمڪيندو ٿو رهان، تنهنجي ڳچيءَ ڪي،
ڪنول ڏاريءَ تي، جئن ڪوئي ڀونرو ڀري.

عشق اُجهامي ايئن جئن، ٻي ڪا جيوَنَ جڪ"!
لَڪڙي، ڪوئلا، رک"، آگ" اُڏامي ٿي وڃي!

جيءُ جيارن ٿا پيا، اگر ڪافيَ دير
سارَ وئي جنهن ويرَ، سيءُ سياڻدو ڪيترو!

آءٌ سُريلي بانسري، تَنهن جيي تون سنگيت،
تون ئي منهنجي جيت، هر هر منهنجيءَ هار ۾.

□□□

جهوليءَ جهليان ڪيئن مان، ڏرتي ايڏا دانَ!
ڪيئي وايون ميٺهن جئن، ڪيئي گيت مهانَ،
مان پانيان ٿو، مان نه، هي سڀڪجهه ٻي ڪنهن لکيو!

آلوهيي آوازَ، ٻڌن ٿا مون ۾ ميان!
صدين جا ڪي سازَ چهڪن پيا چپن ۾.

گهڙيءَ ۾ گهنگهور، ڪئن منهنجو من ٿي ويو؟
اِجهو زوران زور، آيا آترَ مينهڙا.

اجهو بادل ٿا وسن، جيءُ ڪري جل ٿلَ
اج نه پنئون پلَ، مون تي وُٺا مينهڙا.

ڪنشي چڙ نه ڪمان ڪي، سيٽ لڪي آ تو،
تانڙ نه تون ايڏو، متان زهر ٿئي پوي!

جيئين پاڻ ٿڙي پوي، ايندي شرط بهارُ،
ائين اڪيچارُ، سٿون آيون ساهه ۾.

Gul Hayat Institute

شفق ناهہ شفقَ ڏسان آنکي مان جيسين،
آفق تي ترساءِ تون، سورج کي تيسين،
ها، پر مان ڪيسين، جوڙيندس ٻيءَ جوڙ کي!

مان جو سرجڻهار، سرجيان ٻيءَ سنسار کي،
هنِ کان جهالاڏو گهٽو، آهہ سندم سنسارُ،
* منهنجو ڪنڊهارُ، سڀ کان گوءِ کڻي ويو.

منهنجيءَ فن آهي ڏني، چٽ نرگس کي ديدَ،
مان ئي هان ترديدَ، تنهنجي هر تخليق جي.

متان هيئون هارئجهن، سارَ نہ گلن هارَ،
ورلي سرجڻهارَ، سوڀَ چکن ٿا جيئري!

مون کي سندرتا ڏئين، اج جي بہ تي پول،
پريان تنهنجي جهولَ، چوٽيءَ ٻائين موت ۾.

مون کي لهندي سج جو، پيالو ڏي تمتار،
ڏرتي پيو بہ پيئار، منهنجي اُڃ اُجهي نہ ٿي!

---

* ڪنڊهار ـــ گُل جو قسم.

Gul Hayat Institute

* هيءَ جا مـَـذِ وَنـِي، مون کي پـِرڪـِرتيءَ ڏني،
ڪٿن چنجيَ سا پيئندي، منهنجي اُڃ گهـٽي،
پـِي پـِي رات ڪـٽي، اجا پئي اوتجي.

اِجا ڏينم جهـَجهو، جئن سارا مٽ ڏوکهيان،
سـَـنمـُک ٿيان سونهن سان، لاهي ڏيهه ڏَجهو،
پنهنجو اَنت اَجهو، آهي ڇاڻ آڇاڻَ جـِي.

منهنجو تو ۾ ساهـيءَ! لوبُ نہ ڪا لالچ،
مـُرڪيَ پوان مـَـچ، رڳو ڪوهيان ڪنيڙا.

آن ڪي هـَرجهان شال جنهن جوڙ سچي جوڙي،
پرڪرتي! کولي ڪٽان، تنهنجي تجوڙي،
ڪيڏيون وڳوڙي، جـُـجڪيون منهنجي جيءَ ۾!

اُيڏيءَ آپ لـُڙاٽ ۾، مون وٽ جو ڪـِرڏو،
نيٺ نہ اُيرڏو، آ ڌرتيءَ تي ڌَنڌ مان.

مان نہ ڪٽان ٽورا ڪـٽان، منهنجا ڪيئي ڪيچَ،
پيا منهنجا پيچَ، هـِن ساري سنسار سان.

---

* پـِرڪـِرتي ـ ڪائنات

Gul Hayat Institute

ناهي ننڍ سمونڊ کي، گجري ساري رات،
نڪي ننڍ پهاڙ کي، توڙي چپ چپات،
منهنجي ڏاهي ذات، ڪيڏا سڏ ٻڌن پيا!

هي جو ڦڪيڻڙو، آ نيري آڪاس ۾
پوڻين پهر اڪيلڙو، آ جنهن جو جيئڙو،
تنهن لئہ ڪو ليئڙو، سڄ سنهري آپ مان.

* آهيان آءٌ تہ ڇيلَ، تون ڇلڪين ڇيڻار ۾.
پرکيي سگهندين هيلَ، تون ڪئن منهنجي شاعري!

تون تہ اڃان تائين، ليکو چوکو ٿو ڪرين،
ڪتيءَ چنڊُ آڪاس ۾، نکتو آ ساڻين!
ڇو ٿو وڃائين، پويان جيئڻ ڏينهڙا!

** جئن موتين جي پوچَ، تئن هيءَ منهنجي شاعري!
رات بہ آن جي لوچَ، ڏينهن بہ آن جي ڏاهَ ۾.

* ڇيلَ ــ درياهہ جي پاتار، جنهن ۾ ڪپرا نہ هجن.
ڇيڻار ــ سانوڻ کان پوءِ پاڻي پٽي هٽي ۽ درياهہ ۾ لاٽ ٿئي،
تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڪناري تي ڪن ڪن هنڌن تي پاڻي
رهجي ويندو آهي، جنهن کي ”ڇيڻار“ چوندا آهن.
** موتي پوئي انهن مان سڳيون، هار، سرمي داڻيون، ڪنڊليون،
وچٿين جا ڳن، اڳٺ جون نريون وغيره ٺاهبا آهن. پوچ،
”پوئڻ“ مان اسم آهي.

Gul Hayat Institute

جئن موتين جي مٽڙهٽ، تئن هيءَ منهنجي شاعري،
لڳي اهڙي لڙهه، ڪنهن کي، ڪنهن ڪينڪي!

اڄان مون اڏ گيت، سانديا آهن ساهه ۾،
متان پائين سيت! پنا سپنا ساهه جا!

مون ۾ سهسين سورتون، مون ۾ سَو پيجل،
جيءَ نہ ايندي جهل، جيسين جهوناگڙهہ جهري.

* مان ٿي سارو ورش هان، ورڪرم ڪان بہ اڳي،
منهنجي پاءُ سگهي، ڳاتو ڪاليداس ۾.

هيس ڪالهہ ڪبير جو چرخو بہ آئون،
منهنجو ڪاشيءَ ڪان پري، مَن گائون مائون،
ڇا اِئن ڏنائون، دوها مون کي دان ۾؟

Gul Hayat Institute

هو جو گورکنات سان، پيٿائي گڏ هو،
منهنجو پاڇو تو، تن پٺ تان ويندي ڏٺو؟

---

* ورش — ڌرتيءَ جو ٽڪرو

* توڙي رامانند هو، توڙي رامانجُ،
مان جئن گوريءَ گَجُ، جنهن تي ٽِڪا ڪيترا.

** مان ٿي ريتي ڪال هان، مان ٿي هان رَس لِينُ،
منهنجي ساري دِين، ٿرتي منهنجي ديس جي.

*** رهيا منهنجي روح ۾، پدماڪر جا گيت،
متان ياڻين ميت!، آءٌ اچانڪ آهيان.

---

* ناٿ پنٿي ۽ بجيراٽيءَ سنتن جي اثرَ ڀڳتي تحريڪ پيدا ڪئي. رامانج آچاريا ۽ هن کان پوءِ رامانند انهيءَ تحريڪ کي زور وٺايو. ان تحريڪ دوران ٿيل شاعريءَ جو اثر شاهه لطيف تي هو.

** رس لين – هنديءَ جو شاعر. هن جو اصل نالو غلام نبي هو ۽ بلگرام جو رهندڙ هو. 'رنگ درپن' هن جي مشهور تصنيف آهي، جا هن ١٧٩٤ سنبت ڌاري لکي هئي. هن عورت جي سيني انگن سان تشبيهون ڏنيون آهن ۽ ان طرح ريتي ڪال جي رواج موجب، محبوب جي ساري جسم کي لفظي صنعت گريءَ سان چٽيو آهي.

ريتي ڪال– ڀڳتي تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ اِها تحريڪ وجود ۾ آئي، جنهن ۾ استريءَ جي پيار کي اهميت ڏني وئي، جا نرگنواد ۽ ڪرشن ڀڳتيءَ جي تحريڪن تائين ڪٿي به نٿي ملي.

*** پدماڪر – هنديءَ جو ڪوي، جو سنبت ١٨٩٠ تائين جيئرو هو. هن عشق ۽ مستيءَ جا گيت سڌي سادي پيرائي ۾ ڳاتا آهن.

Gul Hayat Institute

* اِيڻن ڪويتا پونء تي، ڏنئہ اُڳُ آجي؟
پوشن، شيواجي، منهنجي رڳ رڳ ۾ هئيا.

** ميران ٻائي، جائسي، توڙي تُلسيداس،
هي جو منهنجو سُواسُ، تنهن ۾ سڀ سَڳنڌ جنِ.

*** مان ئي مارڳ پريم جو، مان ئي گورکناٿ،
تنهنجو منهنجو ساٿُ، آهي آدجڳاد کان.

**** مان ئي هو ٽيگور، مان پدما تي پرڀات،
هيءَ جا منهنجي رات، رهي رهندي ڪيتري!

---

* پوشن – شيواجيءَ جي دؤر جو هندي شاعر هو.
** ميران ٻائي، جائسي، تُلسيداس – هنديءَ جا شاعر.
*** گورکناٿ – جنهن جـو پتائيءَ "گَڏيا گورکناٿ کـي"
ڇئي ذڪر ڪيو آهي، پريم مارڳ تحريڪ جو باني هو.
**** پدما – نديءَ جو نالو، جا اوير بنگال مان وهندي آهي.

Gul Hayat Institute

* دادو پنٿي ڪيترا، اج بہ منهنجي ڪنڌ،
توڙي مون ڪي آڌ، پٺائيءَ پيڙو ڪيو.

** مون نہ ڇڏي ڪنهن لاءِ ڪا، اج آهي تلڇٽ،
پيارا! مان پي ٿو وڃان، سارا موڪيءَ مٽَ،
هرندا پيا هٽَ، صديون منهنجي نانءَ سان.

جيڏا! منهنجيءَ جهولَ ۾، صدين سرمايو،
مرڪي مون پايو، هرڪو ويو پاند ۾.

وڃان ٿو وينجهار! موتي ڏئي آڻ ميا،
صديون پيا سونجهبا، جن جا ڍير هزارَ،
ڇڏي سوچَ وچارَ، پرکيندا مون پارکو.

---

* نوٽ ــ دادو ديال، هنديءَ جو شاعر، ١٦٩٠-٩١ع ۾ احمد آباد ۾ پيدا ٿيو هو. هن تي ڪبير جي تعليم جو ڏاڍو گهرو اثر هو، پر هو ڪبير جو چيلو نہ هو. هن پنهنجو هڪ الڳ حلقو قائم ڪيو هو. جن کي ”دادو پنٿي“ چيو ويندو هو، جي اج تائين بہ جئپور جي ويجهو موجود آهن. دادو-پنٿي بت پرستيءَ جا قائل ناهن ۽ اڃان تائين انهيءَ ايشور جي عبادت ڪندا آهن جنهن کي سرير ناهي.
** تلڇٽ ــ تري ۾ رهيل شراب جو ڍڪ

ڪوڙهي ساري ڪاڻ، مون تو هيرا آڇيا،
تو، جنهن ڪـتا ڪوئلا ڪيا پنهنجي ياڻ،
واري مون واڪاڻ، جيڏا تنهنجي جـوهہ ۾.

جيڏا ڪهڙي جام مان، پيتم هيءَ سـُرڪيي،
جنهن مون ڪيي مـُرڪيي، وڌو ونگ ڪٽار جو؟

وسائي تو اوڙڪون، هاڻي نہ ڦـُڙ ڦـُڙ،
جيڏا! نيڻان جهـُڙ، لـهـي لـهي ڪينڪي.

هاڻيءَ هڏا عاج جا، ڪيڏا نہ آهن!
ڏاهيو پيا ڏاهن، چوڙيون چوڙيگر اچان.

مان جو تنهنجي دوُر جو، آئينو آهيان،
ڪيڏو تو چاهيان، مون ۾ ڏسين پاڻ ڪي.

ڪڏهن من سائو هيو، ڪڏهن ڪـُنهرائو،
ڏس سندم ڏائو، ساڳيءَ تيزيءَ تو وڃي.

چائين تو اي وائڙا، ڏينهـُن لـهي تو ڪيئن؟
سمہ جا سنسار ۾، هاڃان هيئين سينءَ،
ڏس هي تيرن جيئن، ساسهون سورج ترورا.

Gul Hayat Institute

ساري ساري راتڙي، آلَن نَوڻن تي،
ٿي منهنجـِي گذري، تو کـِي ساري سپرين!

آڌيءَ رات عميق مان، ڳولي ڳـُجهہ هزار،
ويٺا ڪن وينجهار، موتين سنديون ڳالهڙيون.

هاڙهي، پبَّ، هنگور تي، تنهنجا هي پيرا،
ڪيڏا سويرا، وڃن ٻيا واٽ تي!

رکي مـُگرمانَ تي، پنهنجي مـَٿي کي،
اڄ ڇا ٿو ساري، هر هر حبشيءَ جو هينئون؟

ڪـٿي هن جو ديس آ، ڪوئي ڏَسُ تہ ڏي،
پيو ڏُور سڏي، جيڪو هـُن جي جيءَ کي.

Gul Hayat Institute

تون بہ تہ آهين چندُ! مان ڇا لکان چند تي،
توسان سارو مـَندُ، ڪائي ڪويتا لڳي.

مون تو وٽ گيتا! ساريون وايون واريون،
ڪهڙي ڪويتا، سـَرتِـي تنهنجي سونهن جئن؟

ٻاهر ٿوريون روشنيون، اندر ڏيئاري،
ڇڻ مون ۾ ساري، آهي سـڪوڙي زندگي!

* ڪاريون راتيون، بِستر، بيماريءَ بوجو،
پوءِ بہ اُٿان ڇو جو، جيءَ ڇيو وبهي لڪان.

ڇا ڇا منهنجي ساهہ ۾، شيءِ آ سمائي!
** پاڙڇ جو پاڻي، نيسر مان سوئي وهي.

هي جو منهنجي ڪوهہ مان، لڪ وهي لوڙي،
ڪڏهن تہ ٿوڙي! اِن جي ترِي جهانڪيو؟

ڳائي گيت بسنت جا، ٽڪجي پيو آهين!
سِرءُ ٿو چاهين، ساهت جا سانگيڙا؟

Gul Hayat Institute

بيماريءَ جو بستر، ڪيئي خامُ خيال،
سيني منجهہ سوال، اوندهہ اونهي ڪيتري؟

---

* بوجو — بارُ.
** پاڙڇ — ڪوهہ جي لوڙين جو پاڻي پاڙڇ ۾ هارجي نيسر ۾ وهندو آهي.

ڪوئل ڪري واڪڙي ويٺي اڄ مخلوق،
ايڏي تکي ڪُوڪَ، مرڻ کان اڳ ۾ ڪري.

چڻ ڪنهن پَرندي ڪيو، اونده ۾ پرواز،
راڳ ۾ سارو راز، اڳ ۾ پنهنجي موت کان.

* هي جي ولمون ايوڪٽيءَ، چاڙهيان ڪٿي مان؟
ڏاڍو ڏور اچان، آهن ڪکر آڀ جا!

ڪويل پرَ اُڏري ويا، سامهون سپني جان،
ويٺو ٿو سوچيان، هيءَ ڪهڙي ساپيان هئي!

اُڏري ڪيڏي سيءَ ۾، نيرگ پنڌ پيا،
پر تو ڪونه ڇيا، گيتَ ڪلهو ڪي ڏاڍي تي!

پوچاري پاسي ڪري، مٽڙهيءَ اندر جيءُ،
پاهر ڪيڏو سيءُ، اندر گهنبڙ ڳڙن پيا!

مٽڙهيءَ آءُ اڪيلڙو، پهو گهنبڙ ڳڙي،
* ڪوئي ڪونه مڙي، تپرس مان هرڪو تڪي!

---

* ايوڪٽي — ول جو قسم جنهن ۾ اڇا گل ٿيندا آهن ۽ جا وڻن تي چڙهي ويندي آهي.

Gul Hayat Institute

هيڏان شهر کان ٻاهر، ٽم ٽم ٽم ٽم واءُ ۾،
ڏيان نيري نڀَ ۾، ڪارونڀار ڪتيون،
چارئي پار چٽيون، ڇڻ آدي اسرار ۾.

هو جو آسُر چنڊُ، گول ٻٽيءَ جئن واءُ ۾،
آن جي هيڏان موٽرون، جن سان ٿهي منڊُ،
ٽوڙي سانت اکنڊ، شور مچائن شهر ۾.

ڪيئي پيتل ڪاٺيون، موسيقيءَ سُرتال،
ڪيئي جوڙا رقص ۾، ڪيئي ڦيرا هال،
ڇڻ آديءَ جو ٽال، ڦيرائين ٽا اشرفيون!

ڦيرائي ڦيرا، ڇڻ ڪا مندر آرتي،
ڪيڏا آويرا، اڇا پيالا اوت ۾!

سيجَ لٽي لالاڻ آ، ڪيڏي آڀري،
۽ هو سنهري، ٻنَ سرءُ جي واءُ ۾.

ڪنڌيءَ اهڙي ڪاٺي ڪوهيري مان ڪيرُ!
نڪتي آهه سوين مون لئه سمهه سمنڊ مان؟

ٽڪري، منهوڙو، چوليون اُپرن اُپَّ ڏي،
هٽڪاري ٿو چنبُ ڏي، چڙهه تہ بگو گهوڙو،
* آپري نگوڙو، ترا ڪٽي چنبُ ڏي!

ساريون گيچّ اُپاريون، آهن اَپڙڪي،
ٿو اونهاري اُسَّ ۾، تيتيِهر ٿڙڪي،
** آهن بَسَڙ ڪي هارياڻيون ڪيِهہ ـ پڪليونُ.

ريجا سارين ڪيت ۾، متان ٻنيءَ پگهہَ،
ڏرتيءَ ساري سگهہَ، هو هارياڻيون ڪيت ۾.

هن جو ڪنڌ ورائيِو ڪوڏَر ـ لپي سانڻُ،
سامهون ٻنيءَ پُورڙي نينگر پوري پاڻُ،
اُتي تہ پهراڻُ جهڙو آگم اُپّ ۾.

ُچانئہ انت بسنت جو، پيلي پَنَّ جيان،
کيڏي ٽڏّ ميان، ٿر ٿر ڪنبن انگڙا!

ڏِسُ ڪيڏا شرنارتي، پيلا سرءُ پَنَ!
سوچ نہ، منهنجا مَنَ، اڄ چانتي ۾ آنت تي.

---

* نگوڙو ـ بيوس، بدبخت
** بسڙ ـ گسُ.

ڪنديءَ مٿان چانهہ، هيٺان نيري نڀَ جي،
چڻ ڪا آدي 'آنهي'، آهہ نسوري 'نانهن' ۾،

تو ڙي تو چوڳو ڏنو، تن ڪي ڪٿي هنجَ،
تنهنجي آڳر ۾ ڦري، ڪرڪن پيا هنجُ،
سَرَ تي سوين رنج، سَو پارهيڙي تاڙ ۾.

چڻ گيڙن تا ڪوهہ، آڪٽ نيڪٽ آبَ جا،
ڪير لڳائي ٽوهہ، آديءَ رات اننت جي.

آديءَ رات اننت ۾، ڪيڏا ڪارا ڪَنَ،
تو وٽ جيڪا سَن، آت پڙاڏا پار جا!

ڏِٺي ڏين ڏيَ، وَر وَر آويساهہ ڪي،
هي جي وَٽن وَ ڏيَ، جتان ڦوٽهڙو ٿيو.

گهڻ گهڻ ڪيئي گهنگهرو، ريتيءَ جي ڪڻ ڪڻ،
وچن ٿا واهڻ، پيرا پاٿياريَن جا!

هي جي آڳر ڪانڊٺان، تن پوئين ٽم ٽم
روشنيون رم جهم، جن سان ساريءَ جوءَ ۾!

Gul Hayat Institute

ساڳي جرَ جيئن، چڱ سي وڻ ٽڻ‌واگنيان،
پاڻيِ تا پيئن، ڇاڇر اندر ڇيلڙا.

جئن نرگس جي اکِ جيءَ نيري خاموشي،
تئن مون مدهوشي، جا مون مان ڏئي وڏي.

* سنجاول، سندو، پوچڙ مٽان ڪانگڙيون،
ڪڏهن ويندو هُو، اُڏري پرينءَ پار ڏي!

هي سارو سنسار ڪنهن، سندر ناريءَ جيئن،
نڪتو سنجها سيئن، تلڪ لڳائي سج جو.

هاڻ تہ پويون پهر ٿو، پاسي چڙ ڪو خوابُ،
پيلي رنگ گلابُ، سانجهيءَ جيءَ آڪاس ۾!

Gul Hayat Institute

هو جو چنڊُ گتولُ، آيو منهن جي مٿان،
تو بہ تہ اهڙو قولُ، ڪرمين آهي ڪاٺي!

مٿان پاڻين مان، اڪيلو ٿو آسمان!
چنڊُ بتيلي سان، اگهتي هلندو ٿو هلي.

---

* پوچڙ- پيڙيءَ جو پٺيون حصو، پاڇيل.

* ڪيڏي پياري ڪُونهَري، جنهن ۾ لرزي چنڊُ،
چڙهي هي سارو منڊُ، منهنجي مُونُ ۾ تو چِلّي!

سانوڻ ساوا وڻَ، مَهڪن پيا مينهن ۾،
ڏراڙن سان ڏڻَ، وڃن پيا واٽ تي.

تارَن - ٻيڙيون آبِ ۾، ڪوئي هلائي،
چَندا آڏائي، ماڪَ وسائي رات جو.

ڪيڏا نہ قنديل، آڻَ جاتي آڪاس ۾،
ڪتيون ايئن قطار ۾، جيئين ڪائي جهيلَ،
يا جئن آبابيلَ، آسُر وير آڏار ۾.

** آهي هيُ ڪهڙو پکي، سَنهي ٻيچل تي؟
ڪيڏيون شام - لتي ٻولي پيون ٻولڙيون!

Gul Hayat Institute

---

* ڪونهري يا چاڻ- درياهہ جي ڪنڌيءَ تي آهيا جاءِ جنهن جي وچ ۾ پاڻي هوندو آهي ۽ ڪپرا سُڪل هوندا آهن.

** سنهي ٻيچل- هن کي ”چَنيل“ بہ چئبو آ هي. درياهہ جي وچ ۾ ٿيندي آهي. هن ۾ اوپر ۽ اولهہ ڪان لهرون ڏڪرنديون آهن.

* سانڊي پنهنجا سنڌ هو، مياڻيءَ پيئا،
پنهنجون مڇيون چيلريون، ون ٿا ويئا،
ڪتن ڪاٽيئا، تن جي ڪيڏو اوڏڙو!

گهاتو بتيلي مٿان، تنبي ڪي تاڙي،
** بيٺو آ ياڙي، آڏيءَ جو اوجهاڻ تي.

پلي ڪي سوڍو هڻي، ساڍو ڪيائين،
۽ پوءِ ڏنائين، اُن ڪي اوپاسي ڏئي.

آڏيءَ چيلر اُس ۾، ڪنن ۾ پنڙا،
مياڻيءَ منڙا! تون هڻ ڪنهن ڏي ٿو تڪين!

Gul Hayat Institute

* سنڌ ــ مڇي مارڻ جا وسيلا.
** اوجهاڻ ــ هڪ رڇ تيندو آهي، جنهن جي هڪ چيڙي ۾ تنبو تيندو آهي ۽ ٻئي چيڙي تي نندو بتيلو ٻڌبو آهي. اوجهاڻ ڪي ڊگهو ڪري درياهہ ۾ اُڇلائيندا آهن تہ اُن ۾ هيٺان ايندڙ پلا ڦاسي پوندا آهن.

* ڳهاتو مـِٽيءَ مٽ ۾ تي، ڏَرِي رکـِي پيٽ ۾،
ٻگهہ، آڏاڻا، پيٽ، ڦـِڙ ڦـِڙ سانجهيءَ سـَنَّ ۾.

** چـِرڪا، ڪڳا، ڏينگٽا، ٻوهڻ، سينگاريون،
آڏيـُن پرسانُ اُس ۾، ڪـِڪيءَ جون ڪاريون،
اڪين ۾ آريون، مياڻيءَ تي مـُنڌ ڪي.

سانگي پکيءَ ڪي، مٽان پٽر مارئين،
ٽولڻ جو ٻولـِي، پنڌ پرانهين تان اچـِي.

شـڪرو آڏرِي واءُ ۾، تتر ڪي تاڙي،
آن تي جهپـّ ڏئي پيو، چم چم چيچاڙي،
لهـُو تو ڳاڙي، چنبن توڙي چـُهنب مان.

ڇا هـُو ڦهڪو تو ڏڻي، ڇا هو ڏار ٽـُٽو؟
ڇو هتُن ڪانُ ڪـُٽو، ور ور مون ڏي تو ڏسي!

---

* ڳهاتو، ڏامي يا مٽيءَ جي مٽ تي پيٽ رکي لهوارو ترندو ويندو آهي ۽ پاڻيءَ ڪـي پيرن سان ڌڪيندو ويندو آهي. اهو ان وقت ڪندو آهي جڏهن پلي کي سنڌو ور ۾ ماربو آهي، جا هڪ ٻگهيءَ چڙهہ جي چيڙي تي چاريءَ جي بدل ڳوتري ٺهندي آهي.

** مٽي پاڻيءَ جون ليٽـِي مڇيون.

خالي دٻا، بوتلون، ڪناري ڪيئي،
پرسان چانگها - ڪيڪڙا، گهمن گهٽيئي،
ٻار ٻه آتيئي، ڪيڏن ڪوڏ ڪتا ڪري.

* پر تي پيلو ڪُڪئي، مڇي تو ڪائي،
ڊورو سانجهيءَ - ونءَ ۾، ڇڻ منهنجي ڏائي،
ون چاتيءَ لائي، بيٺو آهي ماءُ جان!

ڪيڏا ولر واءُ ۾، ڪُوڪون ٿي ڪُوڪون،
** ماري، بندوقون، فئر هوا ۾ سانهه تي.

*** اڇو منگهه آب ۾، پرسان ڪانيرو،
نڪتو سويرو، پهريق باک بسنت جي!

---

* ڪُڪئي – ميٺائين رنگ جو پکي، جو ڪڪڙ کان ٿورو وڏو ٿيندو آهي ۽ مڇي کائيندو آهي.
** سانهه – پاڻيءَ جي پکيءَ جو قسم.
*** منگهه ۽ ڪانيرو – پاڻيءَ جا ٻه پکي.

Gul Hayat Institute

* هي جي ٽوبڙ، ڏوڪلا ۽ ڪيئي ڪيٽاهه،
جن جي وسمئه ۾ وجهي، ڏورانهين جي ڏاهه،
سڪ نه تن جي ساهه، جيسين مار ني مارئين.

ڪجرين اکڙين ٻان ڏسي، سر تي سينڌ ي ڪي،
سرمي-داڻيءَ تي، موتي ٻوڙي تي پئي.

"ڇا تون نيري نڀ جو، سونهون آن سائين؟
تون ڇا تو پائين، وهائوءَ جي واٽ تي؟"

** دونهاري درياهه تي، ڪنڌيءَ ڪام مٿان،
اڃان لات لنوين پئي، آهي ڏينهن اڃان،
ٻويان، پاڇاوان، پاڻيءَ سيج سمائيو.

آب-ورني پاڻيءَ مٿان، سانجهيءَ جو پيڙ ي،
*** ٽيندي پر پيڙي، ڇپي ويندي ڇيل ۾.

---

* ٽوبڙ، ڏوڪلا، ڪيٽاهه — پاڻيءَ جا پکي.
وسمئه — حيرت.
** دونهاري — پکيءَ جو نالو، ڪارڪٽڇي.
*** ڇيل — درياهه جي وچ ۾ جاءِ ٽيندي آهي. ان ۾ اوپر ۾ اوله،ڪان لهرون پاڻ ۾ ٽڪرنديون آهن.

Gul Hayat Institute

بادل وچي ڏو، ڪٿهہ چاڻان ڪنهن پارَ ڏي،
* آهي چٽ آڪاس ۾ نقرو گهوڙو ڪو،
جهڙُ ڪي جهاڳيندو، وچي ڏو وڙاهہ تان!

** سرخا سي ٻہ سرل، ٻاڪ سراڙا سيءَ ۾،
ماڳ ٻہ پيلڻون پيل، اڳتي ايندا ڪيترا۔

** سرخا سرل وڏو، ڏئي سراڙا سيءَ ۾!
اجهو پند پنو، اجهو سج ڪني ڪيئي۔

آڏي سانجهي لاڙ ٿي، اچان آڏوري،
**** ٻير جي ٻوري، چٽ ساري آڪاس ۾!

* نقرو گهوڙو — اڇو چانديءَ جي رنگ جهڙو گهوڙو۔
** سرخو — ڳاڙهو گهوڙو۔
*** سرل — عمر جي لحاظ کان گهوڙي جا ڇهہ ڏؤر ٿيندا آهن؛
'سرل' آن جو پهريون ڏؤر سڏبو آهي۔
**** ٻير جي ٻوزي — پيلي رنگ جي ٿيندي آهي۔

Gul Hayat Institute

* ڇا، تون چائين راتڙي، سَرهہَ سوچن تا؟
لِڪيِ لوچن تا، ڪجهہ اونداهي پکَ ۾؟

هيِ جي آکن، ڦُليا، چڻ واريءَ ۾ ٿهڪ،
متان تون تن کي پـَٿين، ڇيڙي ڏيئين ڇهڪ!
لُنءَ لُنءَ تن جي لهڪ، لَتڙ هيٺ لَتاڙئين!

سانجهيءَ ٽائي مورُ، ترَ جي تڏڙيءَ ريت تي،
جڻ مون نينهن نِيڪورُ، تئن هو پنهنجي ٽورَ ۾.

ڳِڙ جو داروُن پي ڪري، سياٽيءَ ٻهڪين،
هي جي ڇوريون ڇلورِيون، تن سان تو ڇهڪين،
اُن سان تو ٽهڪين، هُو جو باسي ڏنيرو.

** آجُ تہ تـُرنجيءَ تون، مهڪايو آهين مّيان!
پريان توکي پنڌ مان، ڏاڙهي وتو مون،
ڪائي ٽيڙُ وِڪُون، آٻتيون سُٻتيون تو ڪٽين.

---

* سَرَهہ ـــ ٻهاڙي جـانور، جيڪي گهڻو ڪري ڪيرٿر ۾ هوندا آهن.
اونداهو پکـ ـــ مهيني جا پويان اونداها پندرهن ڏينهن.
** تـُرنجيِ ـــ تـُرنج جوـشراب.

Gul Hayat Institute

* سَؤنفِي مَتَۃ سَگِنڌَ، تنهنجي مَنهن مان ٿِي اچي،
هِر ڪائي هر هر ڇڪن، تو ميخاني منڌَ،
مون تي تنهنجي پنڌَ، پول سچا پڌرا ڪيا.

** آنگورِي، اڌ رات، چنڊ مَنو ويساک جو!
چا، مان سڀ واري ويهان، چا مون ڪاڏي مات؟
اڄڪلهہ مون ڪي ڏات، ڪيڏو ڏنءُ ڏئي وئي؟

سِڄَ اُلٿي، پار تي، ٻَرَڙ ۾ پُوريون،
دوريون نہ دوريون، منهنجو مَن ميهار سين.

سج اُلٿو، واهڻُ، ڪيئي ڍور ٻَرَڙ ۾،
هيءَ کهڙي هڻ ڪڻ، هينئڙين آئي اوچتو!

سرَ جي ڪانيءَ مان، مَڇَ وَتي ٿِي نينگري،
سارِي سِپنڌِي سان، ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.

*** ”امان! هي ڪيڏاوَٺو، پيڙيءَ آگِل تي!“
”اِنَ ڪي چنڊ چوي، هرڪوئي ٿو ڏيڻڙي!“

---

* سؤنفِي – سؤنف جو شراب.
** انگوري – انگور جو شراب.
*** آگِل – پيڙيءَ جو اڳيون حصو، آگيل

Gul Hayat Institute

پيلو گُل گلابِ جو، هو جو آهي چنڊُ،
اَن سان سارو منڊُ، ڏئي ڏِک بهار جي.

ڳاڙهن پڪڻ جئن هيا، پويان ستارا،
جن ڏي آڏارا، پورئيءَ جاڳي ننڊ مان.

* آسُر ويرَ ڪنار ۾، روڪي هاليسو،
ننڍڙو نينگرڙو، هر هر ڪو ٽيون تو پڻي.

روئيي روئيي ٿڪ ڏي، چڻ هي سارو منڊُ،
لوڙهي مٿان چنڊُ، آيو سانوڻ مينهن ۾!

چڻ تہ شفق اَن تي وئي، جَنڊيءَ جئن جڙجي،
ٽالهي اَڪڙجي، پوري منجهہ ڪري پڻي.

جگ مگ جگ مگ روشنيون، توڙي هيءُ جهانُ،
اندر ۾ انسان، اَيري آرهڙ سجُ جئن.

توڪي پو بہ سريرَ تي، ڪيڏو سوٽُ سگهو!
توڙي هيءُ گهگهو، توڪي آهي ويڪرو.

---

* ڪنار — ٻيڙيءَ جو قسم.
هاليسو — ونجهہ جو قسم.

Gul Hayat Institute

* چانڊوڪي ويساک جي، نيرو ڪڇيون آپ،
ڪيڏا پر آئون لَپ، منهنجا جوين ڏينهڙا!

اونهاري جي رات، ٻنهي پٽر هيڪلو،
اِيءَ بہ چڱي بات، اِن مان پتو پنڌ جو.

اُن جي پنيءَ تي هُٿي، سرءُ جي سانجهي،
هيءَ جا ميرانجهي، رڙ ڪني ڪنهن روجهڙيءَ.

** وَرڌ اَوَستا ۾ پيو، ساريان جوين ڏينهن،
اُس نہ ساڳي اُسِ آ، مينهن نہ ساڳيا مينهن
اَجُ نہ اڳوڻا نيڻهن، ڇا ڇا وِيسر واريو.

ڪارا ڪڪر آپ ۾، هيٺان ڪڪڙا ڏاند،
ههڙي ڪا هيڪاند، راڳي تو لئہ رڀت تي.

Gul Hayat Institute

ان لئہ ڪاري ڪارُ، وَرتہ واٽي هٽ تان؟
راتِ هٿائي يارُ، جنهن گهر ڏوٽل پانڌٽي!

---

* نيرو — ڪڇيءَ جي مٺي رس جا اچا 'تاڙي' نہ ٿي هجي؛ جا منهن انڌيري ۾ لاهبي آهي.
** ورڌ اوستا — پيري.

* هيءَ جا ٻـوري ٻاجھريءَ، ٻوڙين جھرڪين سان،
اُن جهي مـٽ ڪيان، ڏرٻيءَ جي کھڙي ڏچا!

ٻـوريءَ مٿان جھرڪيون، پيھر ڪي نہ ڏسن،
ڪانياٺيءَ ڦھڪن، چـھ چـھ آنديءِ چـپ ۾.

نينگرُ، ڳـن رَڪـي ڪري، ڪنولَ تو ٿوڙي،
** ٻونڊيءَ ڪي موڙي، تورو ڪنڊيءَ ويجھڙو.

*** منهنجي من ۾ تون اِئين، محرمَ دَنگيءَ جيئن،
سدائين تو سيئن، اُٿلان پُٿلان ڪينڪي.

---

* نوٽ ــ ٻاجھريءَ جي سنگ تي ٻـوري ٿيندي آهي ۽ جڏهن ڏکڻ جي هوا ۾ سنگ جھـومندا آهن، تڏهن سنگن تي ٻوڙين جھرڪين جا ولـر ايندا آهن. جھرڪين کي ’ٻوڙيون‘ ان ڪري چيو ويندو آهي جو اُنهن تي ڪانياٺيءَ يا ٺين وڄائڻ جو اثر نہ ٿيندو آهي.
ڏچا ــ صورت.

** ٻونڊي ــ ويڪر ۾ ٽراڪڙي ۽ ٽر واري ٻيڙي؛ سکان ڪونہ ٿيندو اٿس پر ڳن ٿيندا اٿس.

*** مـحرم ــ اُنهن پٿرن کـي چئبو آهي، جـي وزن رکڻ لاءِ دنگيءَ جي تري ۾ وجھبا آهن.
دنگي ــ ٻيڙي.

سنجها سَمہ وڻ مٿان، جهرڪين ڪهاٽيون،
ڪيڏيون مون ماٽيون، لاڏي چِنَّ چَپن ڪي!

ٻُونبرِي، اَتر واءُ، ڳُلَ رڪِي هوءَ ڳِنَ تي،
تاڙِي پنهنجو پاءُ، جنهن هن ڪي ڪارِي ڪيو.

اچا آسُر جا ڪتي، سَهيءَ ولوڙا؟
اچا چنڊ ٻُڏو نہ آ، جوڙين تا جوڙا،
ساجهُر سَنپوڙا، تَڪ نہ لاڙين لوڏَ ۾!

* ٻونبڙيءَ تي هيءَ ٻونبڙي آچا لڙڪائي،
پيئي پاڻيءَ آرسيءَ ڪان مُنهن ڇپائي!
ڪيئي آلائي، هن جا جوڀن ڏينهڙا؟

** شفق، پاڻيءَ ڳُڙنگ ۾، نيلوفر جا ڳُلَ،
ويندا اوندهہِ ۾ ٻُڏِي، سارا آڙيُن هَلَ،
يا هيءَ منهنجي پُلَ، پيهر اچڻو آنهہ تون؟

---

* ٻونبڙي ـ ٻيڙي
آچا ـ اچا وار

** ڳُڙنگ ـ ڪڇي ۾ قتل درياهہ جو ڪسُ: جڏهن ٻوڏ جو پاڻي لهي ويندو آهي، تڏهن ٻہ ڳُڙنگ ۾ پاڻي بيٺو هوندو آهي جنهن ۾ نيلوفر ۽ ڪنول جا ڳُل ڦُٽندا آهن ۽ آڙيون ۽ پيا سانگي پکي ڏولن ۾ لهندا آهن.

Gul Hayat Institute

ڪيڏو ٿڌو وائـرو، ڦـڙڪن ٿا ڦرڙا،
پر هو ڪـڪـرڙا، پو بہ نہ وچڙن واءُ ۾.

* ڪيڻن ٿئي ٿو ڪـمُـہ مان، نڪري نيلوفر،
ڪير پـئـي ٿو در، اونداهي اسرار جو!

پاڻي آڪرن گـڙنگ مان، پيون پـٿاريون،
جن سان ڪنواريون، ڪنول گل وانگيان.

اهڙي لڳي واءَ جو، ورهين لڳ ورچڙيا،
** ڪـنگوءَ ٽارن جا، پاڻيءَ مٿان اولڙا.

*** نيري پاڻيءَ ايہوٽيءَ جا پوندڙ پاڇا،
اِئن آندو ڇا ڇا، مون پنهنجي هر بيت ۾!

Gul Hayat Institute

---

* نيلوفر جو گل ڪـمُـہ مان پيدا ٿيندو آهي.
** ڪنگو — لئي جـو گل ٿيندو آهي ۽ اُن جي ٽارين جـا اولڙا پاڻيءَ ۾ پنهنجي هڪبئي ۾ وچڙي ويندا آهن.
*** ايہوٽيي — وَلہ، جنهن ۾ اڇا گل ٿيندا آهـن ۽ آها لئي جـي وڻ تـي چڙهي، ڏنڊ جـي نيري پاڻيءَ ۾ لڙڪندي رهندي آهي.

پر، تي ويرون جيئن، ڏاڍو ٻرن ڪوڏ ۾،
تون پي مون ۾ تيئن، ويروتار وڇين پيو.

* تيڏاڻي ترل رل، چانڊوڪيءَ ۾ ڇيٽ جي،
تي ويئي رل مِل، ٻنيرڪي ۾ ماک سان.

ميان! متان ڳاهه ڪي، لوڏين ڏيئي لت،
پيئي جا پربت، متان ماڪ نِهوڙئين!

وڏو واڇوڙو، ليٽائي وڻ وات تي،
ها، ڪوڪو ٻوڙو، ٻوڙائيپ جنهن پاڄهه ڪئي.

ٻنين ٻهه ٻهه پيئيون، ڪيئي ڳوٺائيون،
** آسر جون آٽيون، پلي پنهنجي پاند ۾.

هوءَ جا پيڙي آر ۾، وڃي تي تيڏانهن،
ڪيئي گهر جيڏانهن، پائيندڙ پائي وئي!

---

* ترل رل — تيڏي جو آواز.
** پلي — مڙر جو گاهه.

Gul Hayat Institute

* پائيندڙ پاڻي وئي، وٽن سڙوڏا گهر،
چڻ واچوڙي ور، واري آڏري ايتري!

پاڻي ڏچڪي ٿو پيو، ڏسجي ڪنهن مهٽي!
چڪي چپيٺي، ٻيڙا ٻوڙيا پار ۾.

** پروا ناهي جي، پير پسائي پيٽيلو،
چاچر چاچولي، اڄ ايندا سين ڪپ تي.

Gul Hayat Institute

---

* درياهہ وڏا ٽڪرا وٽن سوڙا پائيندو آهي، جتي پڻ واري آڏامندي آهي ۽ ائين لڳندو آهي ته چڻ واچوڙو لڳو آهي.

** پيٽيلو- ڏيڍيا درياهہ جو اهو پاسو، جنهن مان پير پسائيندي گذري سگهجي ٿو. ڪپ ۽ چاچر واري پاڻيءَ کي 'پيٽيلو' چيو آهي.

آيو آ ڪجھ ڏينھڙا، پڄري ۾ پيھي،
پکي پرڏيھي، آڏري ويندو اوچتو.

جڏھن بادل ۾ چمڪندي، سج ھٽائي پاڻ تان،
ڏيھ ۾ ڏئي جا ڏرڪ سڌ بڌ سڀ وسري وئي.

ڇا ھي مون تي موت جا، پاڇاوان آھن؟
ڪاڏي ٿا ڪاھن، ڪنڪر ڪارونڀار جا؟

ڪيڏو تون اڻڄاڻ، آيو آن اوڙاھ ۾!
نه تون تارون تار جو، نه تو تُرھو ساڻ!
ھو جو پنھنجو پاڻ، سو تو سمجھيو ڇا ھيو؟

ھو جو انت آٿاھ، ماڻھو ڪي مُوڙھو ڪري،
تنھن ڪي منھنجو ساھ، ھئن گھُوريندو ڪيترو؟

ميٺيي ڏرئي موت ۾ ڪي، ٻه طرفا طعنا،
سارا بي‌معنيا، جيئڻ ۾ مرڻ ۾ ڏا ڪڙا.

Gul Hayat Institute

منهنجي اندر مورڳو، آهي ڪجهہ آننت،
مٿي سڀ جو آنت؟ مٿي ڇاهي باورا؟

ڪجهہ بہ تہ ناهيان آنءُ، پوءِ بہ ڪيڏو ٿو پڏان!
رڳو مٿيءَ ٿانءُ، پڇان تہ پورا ٿيان.

ماڻهو آخر آهہ ڇا، پڇ اِهو ڪوڙو،
ڇا هو پنوڙو، رڳو آهي ماس جو؟

وڃين ٿو پوڙها، اسان کي آڏ ۾ ڇڏي،
اڃان تہ ڳوڙها، سڪا ناهن ديس جا.

ماڻهوءَ ماڻهوءَ جون اِکيون، اڃا تہ آليون،
چار گهڙيون جاليون، وڃين پيو جئوءِ مان!

Gul Hayat Institute

لهوءَ لويل آگريون، جن مان ڇڪي خون،
ڪيڏو جيءَ جنون، لکيي لکي ڪيترو!

وسيي ماڪ ملير تي، ساوا ٿيا پن،
توکي منهنجي من، ڳوليو ساڳئي ڳوٺ ۾.

پوپٽَ پَرڙا جيئن تا، ڪوهيِ وجهن پارَ،
تون ٻه تهِ اُئن سنسارَ، ماڻهو ڪوهيِ ٿو وجهين!

آچانڪ سڀ آروَشيون ڇڏي ڪاليداسُ،
آڏري ٽيون آڪاسُ، ڏرتيءَ کي ڏاريو ڪريِ!

ڪنهن جهاڙي ڀاڻي، آيل! هن اسرار ۾،
ٻوليِي ڇڻ ٻاڻي، سڀ ڪجهه سڻايِي ڪينڪِي!

ميان! مان مهمانُ، تنهنجي گهرِ ڪجهه ڏينهڙا،
ويهي رهندس ڪينڪي، پنهنجو پاڻين پانُ،
هرڪوئي انسانُ، رمندو رهيِي راتڙي.

ڇا مان ڪيان موت جو، اُٿي آڌرڀاءُ؟
يا مان هن مهمان کي، چوان آجُ نه آءُ،
اڄان آهي ڇپڙت ۾، ڪيڏو چنڊ ڇڻاءُ!
هيڻون آتِ هنڳاءُ، ڪيئي گُل گلاب جا.

ڏوکي چانڊڻ ٽانَ ڏِرکيِ، ميان موٽايان،
ڪيئي گيت اڃا آٿم، ڇڏ ته آهي ڳايان،
جن سان چوڏهينءَ چنڊ جئن، جڳ کي جرڪايان،
ءِ پوءِ اپنايان، مرڪي موتَ! آماس کي.

اوندھہ جي اسرار ۾، وڃڻ ٿو چاھين!
توکي ڇڪي پريت ٿي، ڪائي پرانھين!
ڪاڏي ٿو ڪاھين، پاند ڇڏائي پاڻ کان؟

توَن تہ گھٽُو ئي ٿو چوين، ويچ! ڪيان ماڻ ننڊ،
ڪنھن مَندر جا گھنڊ، مون کي سڏن پاڻ ڏي.

ھرڪنھن چترڪار کان، ايٿين گوھ ڪٿان،
پھچڻي جٿن پوئين گھڙي، چيٽي وٺان مان،
ڇگيءَ ريت ڏسان، ايندو عزرائيل کي.

اِجھو اچي ٿو، يا ڪو اچي ڪونہ ٿو!
ديھيءَ چڻ تہ دَھو، پيو ڪوئي اوچتو.

چا، تون ڪو آواز، جيڪو مون کي ٿو سڏين؟
چا، مان تنھنجو راز، سمجھي سگھندس ڪينڪي؟

* آءٌ بہ ڪوئي ڪافڪا، ڳولي ٿو ڳوليان،
ڪولي ٿو ڪوليان، درَ جي ڪُلن ڪينڪي.

---

* ڪافڪا – جرمن اديب، جنھن جا ڪتاب زندگيءَ جي ڳوڙھي اسرار جي مسلسل تلاش آھن.

Gul Hayat Institute

پاسي ٿي ڪجھہ ٻيهہ تون، ٿوري ورچوٽي!
موت وڃان موٽي، ڏرتي ٿي مون کي سڏي۔

ويچ چون ويچار، ايڏا چڱا ڪونہ ٿيءِ،
پر ڪنهن سمجھي ڪانہ، منهنجي تانگھہ تنوار،
جنهن جا آر نہ پار، آهي سا ڪهڙي ڪندي؟

ڪنهن خاصي خرگوش جئن، آهي هُن جي روح،
ڪائي ٻگهڙ ٻوءِ، مون نہ لڪائي موت ۾۔

تنهنجو موت! ڇُهاءُ اِئن، جئن ڪو پشمينو،
ڇڻ منهنجو سينو، سينهي لانو سُپرينءَ۔

آن ڪي ويچايو، ڇا ڪنهن ڏاهي ڏيهہ جي،
”هي جيڪو آيو، ڪاڏي وڃڻو آ کهي؟“

آءٌ حياتي آهيان، مان ڪئن ٿيندس فوت،
متان مون کي موت، ڇُهندي ئي ڇرڪي وڃي!

ڇا مون لئہ ڪي واٽ ني، وڃن پيا ناد،
تو ڏي آد جڳاد، ڪٿهڻو آ مون کي ڪڏهن؟

Gul Hayat Institute

سِٽ جـُـڳ بہ هِين لوڪَ ۾، ست جـُـڳ بہ هيڏانهن،
وڃين تُون ڪيڏانهن، ڪلجـُـڳ ُ ڇڏي ڪاپڙي؟

منهنجا لـُـڙڪ لڙي پيا، ڏسِي پوٽيءَ کي،
”امڙ! مان نہ وڃان پيو، توکي دُور ڇڏيَ،
”متي تي مهمان کي، ڇنبڙي ڇـُـمِي ڏي،
”متان نہ موٽي، وڃي پنهنجيءَ واٽ تيَ؟“

مُرڪي چيو مون، ”اِتي ڪتي آهيان،
”اڃان ٽڪو ناهيان، پيٽي آءٌ پيٺو ُن،
”متان سمجهين تون، ڏاڍو ڏُور پڌاريو.“

ويندو هو ڪيڏانهن؟ هوندو هـَـرڏن ۾ ڪٿي،
رائي متان رُڃَّ جي ويندو شعلي ڏانهن،
ڇا هـَـنَ اَڄَّ آجهامندي، پـَـليي وڃي جيڏانهن؟
هر هر هو هيڏانهن، موٽي ايندو ماڳ تي.

هينئر بہ موٽي، وڃان پيو ميڙ ۾،
آهي پـَـرئين پار جي، ڪينوٽَ سپ ڪوٽيي،
هيءَ منهنجي پوٽيي، مينهن ڦـُـڙيون جنهن هـَـنڙا!

مورَ ٺهوڪا ڪن جتي، مان اَت هوندو سانءَ.
مون کي ياد ڪجانءَ، جڏهن وسن مينهڙا.

Gul Hayat Institute

ڪيئي ڪَڻ ڪِڻ ريت تي، کاڻيون ٿيندين،
جڏهن تون ويندين، ٿَر ٻَر توسان گونجندو.

ڇا جهي ٻُنيءَ تي رهيي، چاندوڪي ڇڳي!
ميان سڀ مِٽي، ڇو تو پاڻ پتوڙئين؟

مُنهن انڌيري مهڪ جنن آڏري ٽوڙئي جي،
شال ڏسان نڪري، جهونجهڪڙي جي جيءَ مان!

ڪيڏي ڪُلهن ڪَسَّ، ڪيڏا پانڌي پيهه ۾،
ترسين ها ڪجهه دير لئه، آءُ ته ڪيا وَسَّ،
مُنهن ڏيکاريئه مَسَّ، ڪيڏيءَ پيڙ پنيولئين!

ڇا تون سِمِر آنت ڪان، اڳتي آهين ڪجهه؟
مون ڇو تنهنجو ڳُجهه، مُور نه ڇاتو جيئري!

گهڙِي جا گذري وئي، مون مان تي جا گهٽِ،
آڏري تيي جهٽِ پِٽِ، ڳُجهه ڳجهاندر ڳالهڙي.

چنڊ ستارا آپَّ ۾، ڪيڏو دُور ڪٿهن،
پر هي نُورُ نٿهن، مون کي تن کان ويجهڙو.

کهڙي ننڊ بهشت ۾، منهنجو مُنجهي هانءُ،
او شل ڏسان آنءُ، ساوا ٿوهَر ٿَرَ ۾!

هيءَ جا لامَ ليارَ جي، لُڏي ٿي پيئي،
* هُدهُد اِتيئي، ويٺو هو وسرام ۾.

بيٺي جو هرڪو ٿئي، ڪوئي ڪِرڻي ناهه،
سياڻو ٿي، ساڃاهه، آچ وِجُ جي اُهڃاڻ ڪي!

تِن جي اکين لائيان، ڪِهڙَ گُڙين آئون،
”رُڪي سُڪي مانڙي“ اِئين چياڻون،
اوچو پنهنجي ڳاٽَ ڪي، رِڪي ڳاٽائون،
مون ڪي سَليائون، ڪيڏيون ڳالهيون ڳُجهہ جون!

ڏي ڪا منهنجيءَ ڏات ڪي، باجهاري پولِي،
ڳايان پوئينءَ ننڊ ڪان، اڳ ۾ ڪا لولي،
سڀ لَنءُ ٿي سولي، ڳُجهڻ ڳُجهاندڙ ڳالهڙي.

پيرڪرتيءَ ۾ پُرش جي، ڳوڙهي ڳجهارت،
پکي جمن پارت، ڪنهن نہ پکي سنسار ۾.

ڳُجهہ ڳجهاندرَ ڳالهڙي، مون ڪي سَليائون،
لڪان ٿو آئون، اُٿي آڌيءَ رات جو.

---

* هُد هُد — هڪ پکيءَ جو نالو جنهن کي ڪلنگي ٿيندي آهي.

Gul Hayat Institute

هي جيڪو دونهون، آهي هرڪنهن آدر ۾،
آنهيءَ جو سونهون، ڪهڙو پنهنجي ڪـُڙم مان؟

ماسُ تہ تيندو مورڳو هـڏا هـڄارا،
پر آهن اڳتي ڪتي، تـُوري نظارا،
متان ستارا، گهـِٽيءَ ۾ گـُم ٿي وڃو!

تون جو پوري آنت مان، پيو واجهائين،
ڇا تون مون تائين، پهتين منهنجيءَ ذات ۾؟

آءٌ اڃان اڳتي وڃان، اڳتي ڪان اڳتي،
ڪنهن بہ تہ مارڳ تي، ڪونہ ڳـڏبين تون سپرين!

تونَ جا منهنجي آدر آن، تو مان ڪيئي گيتَ
مون جي ڪلهہ ڪوري وَتا، سي ڏيي منهنجي جيتَ،
منهنجي ڪوتا جو هـُئين ڪانڪيي جو تون ميتَ،
ڇا تو منهنجي گيتَ، تـَري تائين آئـُڙي؟

مون جي گهاريا ڏينهڙا، جن ڪي پـَکين پـَرَ
اُڏريا، ويا واءُ ۾، ڏسي تانگها تـَرَ،
هاڻي سـُڪي سـَرَ، هـنج نہ رهيو هيڪڙو!

Gul Hayat Institute

آءٌ آمرتا آهيان، آدِيَ جُڳادي،
ڇو تو مـٽادي، ڦيرينِ منهنجي موت جي؟

ڇـمڙا ڦرن ٿا پنهنجا ڪارا پـرَ ڪٽي،
ڳـيڙ ڪـيِ ڪولي اوڇـتو، گهر ۾ گهرن ٿا،
تـڪري ڪيرن ٿا، پـِتين تي پيرا ڪري.

پکيئڙو پرڏيهہ جو، ڪُھي ڏسان ڪيئن؟
ڇُھي ڏسان ڪيئن، ايڏو ويجھو موت ڪي؟

ڪيڏا سڏّ ڪيان پيو، ليڪن ھي ڇاھي؟
پـڙاڏو آھي، رڳو ڪاري سمنڊ جو.

کهڙيءَ ڪـِشتيءَ لاءِ تو، آءٌ اڄان ترسان،
پهاڙين پرسان، رڳو شور سموند جو.

پتو نہ پاتار جو، کهڙو پاڻيءَ آنتُ،
اڳتي آھہ آنتُ، رڳو شور سموند جو.

واھوندي جي واءُ ۾، ڪـِري جئن ڪو وڻُ،
اھڙي وائي جِـڻُ، اچي پئي سانت مان.

Gul Hayat Institute

ڇا ايڏيءَ وڏڪار ۾، هاڻي آءٌ وڃان،
ڪهڙي ڪاڻ اڄان، مون لئہ ڦول ڦلار جي!

آءٌ نہ اگهي موت کي، ڏنو ڪٽيي اک،
جڏهن آن جهي پلڪ، آن کي چهرو چنڊ جو!

چانڊوڪيءَ کي چنڊ جي، جئن پاڻيءَ ۾ گاهہ
اڄ تہ ائين ويساهہ، تو کي ساڃاهي ڏٺو.

جئن پاڻيءَ ۾ چنڊ، ترندو وڃي سير ۾،
تئن هي سارو منڊ، مون لئہ مايا اولڙو.

ڳولي ڳاڳيءَ ڳل، جئن ڪا بوند بسنت جي،
تئن منهنجو هر پل، تو لئہ تاساريو رهي.

Gul Hayat Institute

جئن ڪا بوند بسنت جي، تاڙي پشپ لتا،
سون ۾ ايئن متا، تو لئہ ڪيئي تونڪرا!

جئن ڪا سپي بوند کي، جهٽي جهڙپ ڏئي،
ائن تو ڪار ڪئي، منهنجي من سان سندري!

پنهنجي گهر مان اِئن وَئين، جئن ڪوئي مهمان،
تنهنجا چار ڪتاب ٿي، تنهنجو نانءُ نشان،
آهي ڇا انسان؟ اک ٻوٽيي، جڳُ ٻُوٽيو.

سيڪجهہ ڇُڪتو ٿي ويو، آجو هيئن نہ ڪوءِ،
هرڪو هيئن نہ هوءِ، نيريئہ پنهنجي ’نانهہ‘ ۾!

ساريِي سارَ آسار سان، ڪنهن هيئن لُڙاڻيِي؟
ڪئن سَرهيِي ڪاٺي، مون اڄ تو ٻن راتڙي؟

سيِتي وارن ۾، آئينءَ ڏرتيءَ مان اُڀي،
ٿون جا سارَن ۾، هُونءَ تہ تازي قُول جئن.

تون جا تازي قُول جئن، هَذا آهين هاڻ،
ڇا تون واجهائين پئي، اڃا منهنجي ڪاڻ؟
مون ڏي اوري آڻ، ساڳو نينهن نهار ۾!

آهي ڪيڏي وقت ڪان، مون ڪي ’مون‘ سان وير،
ڪُنڊيءَ وانگر ڪير، آيو منهنجي هانوَ ۾.

پوئينءَ وير ٻہ ڪونہ ٿو، لاڳاپو لاهين،
ڏون تہ رڳو مهمان آن، مسواڙي ناهين،
ناهہ پيو ناهين، چار ڏهاڙا پيا رهان!

صديونِ سنڌي ساهِتيہ، ڪنڌي نہ پيَرتي،
وڃان ٿو سرتيِ! پوئين وير اچي وئي.

ٻيهر کوليندو آهو، ڇا ڪوئي رازو،
هو جو دروازو ڪٿي ويو ٻُوڙجي؟

توکي ڏاڪَ ڪٿي سَٽيو، هر هر منهنجي منَ،
اونداها دشمنَ، پوئين ملهہ ماري ويِئين.

تو پوئين ساري ڪئي، مون ڏي هارايو،
پوءِ بہ وڃان کونہ ٿو پاند ڳچيءَ پايو،
پٺيءَ پلُ آيو، ڪيڏي آڏرياوَ سان!

ڪيڏو مايا موهہَ ۾، آهي من مستانُ،
* حافظُ ڪٿي ڪَتِڃ ۾، کونہ ويو ديوانُ،
اڃان مون ارمانُ، وايون ڪجهہ پيون ٻيِي لکان!

توسان منهنجو پريتڙو ناهي ڪوئي موتَ!
هونديِ ملن هوتَ، نہ هونديِ کهڙا پرين؟

---

* حافظ — پارسيءَ جو عظيم شاعر.

Gul Hayat Institute

آءٌ نه آهيان وڄ جئن، تنهنجو پڪ به پڪ،
ڪير ٿئي ٿو بڪ، ٿون يا مان، اڳتي ڏسون!

ڪنهن سان نيهه ڪونه ها، پڻ تنهنجا پاڻا،
آڏي آڏاٽا، آڏيندڙ آئي ويا.

ڪيئي صديون ڪونه مون ٻڌي هيءَ ٻولي،
سانجهي سيج ڪري وئي، لاهوتين لولي،
هيءَ کهڙي ٽولي، آئي ڦول ڦلار ۾؟

مون نه پاتيو سانت ۾، اچي ويا آواز،
ساڳي سُر سان ٿا وڄن، پر هي ساڳيا ساز،
روح آهيئي راز، ساڳيون ڳالهيون ڳجهه جون!

گودڙين جا گس، مون جي آڄ پڇائيا،
ڇا ڪنهن تن جا ڏس! ڪاڏي ويا سڀ ڪارڻي؟

ڏوراهين جي ڏرڪ سان، هن جو ڏيل ڏري،
ماڻهو نيت مري، اڄ به اڳي وانگيان.

ڇا اُن ڪوي جو ڪڏهن، سمجهيو آ تو رازُ،
هي جنهن جو آواز، جهرڻي جئن جهونگار ۾؟

جئن ساوڻ جي مينهن ۾، پرپرَ پنَ لُڏن،
تئن اجُ منهنجي من، ڇا ڇا سُر سرجن پيا!

هُو جو سرءَ واءُ ۾، ڇڻي ويو گُلُ،
هر هر تنهن جو هُلُ، ڦُلوارڻيءَ جي واس ۾!

جيسين آهي جندڙي، تيسين ڳائيندس،
ڪئن پاڪُر ۾ پونءَ جي ٿائينڪو ٿيندس؟
مان آيرِيَ ايندس، ڪُلهي پائي ڪينرو.

* جهُڪي ڪر ڏنبوتَ، اَن اوتهي اسرار ڪي،
چارئي ڇُنيءَ پوت، جنهن جا ڳوڙهي ڳُجهَ ۾.

ميان! ڪجهه ماڻارَ، پنهنجي ميري من جي،
آلڪ جا اسرارَ، ڪوبه نه پائيندو ڪڏهن.

ٽيڳرجين ڇا ٽي پيو، ڪهڙا پارَ آپار؟
نيهڻي ورجهه نهارَ، گهوري اوتهي آيَ ۾!

---

* ڏنبوت – سجدو.

Gul Hayat Institute

* تو ۾ توڙي ڪنس جو، آيماني ڳاتو،
آهي انت نہ ڪو، هن اونهي آڪاس جو.

** ڪيئي پکي-ڙوڳر، ڪپيٽيون ڪنچر ڪيترا،
ڪيئي مڇيون، مانگريون، جيوت جيڪا جر،
وڏراهون ۽ وستيون، ڪيئي جبل جهر،
سڀ ڪي ڪا ساڃاهہ آ، توکي کهڙي ڪر!
چاهيئہ رکو پر، ماڻهو! پنهنجي پاڻ ڪي.

*** وستوءَ وستوءَ مون ڏٺي، هيءَ ڪنهن جي وستي،
ساري سربستي، ڪنهن سان ڪيان ڳالهڙي.

تنهنجا روپ سروپ، سهسين هن سنسار ۾،
هرڪنهن مڙهيءَ ڏوپ، پوڇيون تنهنجون مورتيون.

Gul Hayat Institute

هوءَ جا نيري چانهہ آ، ڪنديءَ ڪام مثان،
ويندي چا مون سان، گڏ نيري آڪاس ۾؟

---

* ڪنس — هندو ديومالا جو هڪ دئيت.
** ڪيٽي — ڪيٽلي
ڪنچر — هاٿي.
*** وستو — شيءِ.

ڇا مون هٿ جيڪي ڏنو، مون ۾ ڏي رهندو؟
يا مون سان ڪٿهندو، آگم سڀ اوري ڇڏي؟

ڇڻ ڪنهن آدي-سنک مان، اچي ٿو آواز،
مون کي مون ڏي ٿو ڇڪي، هو جو منهنجو راز،
جنن کو جهپي باز، ڪنهن کي پنهنجي جهڙپ سان.

وچن تا ڪيڏانهن، تارا اگهتي آپ ۾؟
مان بہ وڃان تيڏانهن، اونهي جي اسرار ۾.

هي سڀ منهنجي سوچ کان، ڪيڏو ناهہ پري!
جيڪي آهہ ذري، سوئي آهي ڪُلّ ۾.

* ساجهر سانجهيءَ پيڻ، جنن مڇيون ڳڙڪائي،
تيئن اوهان پاڻي، موت آچانڪ ماڻهئو؟

ڪيڏو ٿو دانهين، مٽيءَ جي مانڊاڻ تي،
اِن ۾ نہ هوندي بہ تون، اِنهيءَ ۾ آهين،
چاهين نہ چاهين، وڃڻون ناهہ وناس ڏي.

---

* پيڻ — درياهہ جو پکي، جنهن جي چهنب ڏاڍي وڏي ٿيندي آهي ۽ ڳچيءَ هيٺان چم لڙڪندو اٿس ۽ رنگ اڇو هوندو اٿس. هن جو گذران مڇيءَ تي هوندو آهي. پاڻيءَ جي لهرن مٿان آڏامندو آهي ۽ مڇيءَ کي پاڻيءَ مٿان جهٽيندو آهي.

Gul Hayat Institute

متان وسارين، ميان پنهنجي موت کي!
جيئين سر تي نير گهي، تيئين جي گهارين،
مور نہ نهارين، پنتي پر چندي کري.

لک ڀهانا موت جا، هوندَ اچي يا هُيئن،
ڪنهن چاٽان هو ڪيئن، مون گهر ايندو اوچتو!

* جئن هي سرهه ڪيرڙ! تئن تنهنجا پٽ،
چاٽان تو ڪا چرِ، پنهي منجهه ٻري پوي.

هر پٽر کي ڪيرڙ، سرهه جي ساڄاهه!
آهي ساهہ آساهہ، ساڳي سُرت سٽاوَ ۾.

نڪو پتو چرم جو، نڪو پتو موت،
تن جي وچ ۾ هوت، هي سارو هاڙهو مڙهي.

مڪا ميلي ۾ اچان، آهي ڪافي دير،
آيو آنهہ سوير، مون وٽ موت پڇلي ڪري.

---

*سرهه — ڀهاڙي جانور، جيڪي گهٽوڪري ڪيرڙ ۾ هوندا آهن.

Gul Hayat Institute

* ازل آلانيو، مون ۾ روز آلست کان،
پيريـن پارانيو، منهنجي ان اظهار تي.

پئي پتنگن رک، آڏري سـره واهہ ۾،
جيون ساري جيک، سچ نہ پاسي سوچ کي.

مون کي هڪڙي ڏي چڪيو، آهي منهنجي موت،
هون تہ ڪيئي هوت، ملن ٿا مڪران ۾.

هاڻي پاڻي ڇڇندو، رهي ڏڏيءِ نانءُ،
وڃان پيو آنءُ، ڏيندون ڏورا سپ پـري.

هي جو بتيءِ اولڙو، تنهن ۾ تنهنجو منهن،
سپرين! مون کي سنهن، ناهي موت مـٽائيو.

** سنگهر ڪري ڪنديون، تپن پيون ڏنڊ،
منهنجا توسان ڳنڊ، ڇا لئہ آيڏي ڳجهہ ۾.

---

* آلانيو — چنگ
پارانيو — ڏوراپو.
** سنگهر ڪري وڃڻ — ڪنديون مينهن جو هڪيئي پوئتان وڃڻ.

Gul Hayat Institute

ڪو منهنجي آواز ڪيٌ، جيسين ٻُوساٽي،
اڄ اوچي ڳائي، ڳايان سو ڳائي وٺان.

سَنسا هن سنسار جا، ڪوبہ نہ وجھن پيٽنگُ،
مون من اڄ ڳائي اِئين، جئن سانوڻ ۾ جھنگ،
متان ڪوبہ اُمنگ، اڻ ڳاتو رهجي وڃي.

تنهنجي پٺ تان ٿو اچان، اندر جا آواز،
مون تان منهنجي ساز، پردا سڀ پرٽي ڪيا.

هي ڪھڙو انياءُ جو پياءُ نہ هليِ پياءُ
سارو سوچ سٺاءُ، جهنجهوڙي مون جيءَ کي!

ميان! ڪجھہ منهنجي مٿي، ڏوٿين ڪي بہ ڏجانھ،
رڳو تون نہ ٿجانھ، وِلهيءَ وارث ڪيترا.

پيو ڪٿن نباهيان، توسان مانِ پيڙائتا،
وانجھيءَ وانگر ونجھہ ٿو، سارا هلايان،
تو لئہ سهسين سير ۾، گيت پيو ڳايان،
ور ور پڌايان، توکي پٽا پارَ جا.

Gul Hayat Institute

ڏرتي! مان تو مان، مـُـڪتي نہ ٿو چاهيان،
ڪنهن سونهري جـِيت تي، سائي پـَـنَّ متان
پيهر شال ڇـُـهان، پوَترتا هـِن پارَ جي!

تيسين تائين پـُون، رهندي تنهنجي تاڪ ۾،
جيسين تائين ٿـُون، ورنديون وطن ِ ياترِي.

جيسين آهي جوت ِ، متان ورڪ َّ ڏ َري ڪرين،
گـَهلا! هيءَ گـَـِهڻ گهوت ِ ويندءَ ڪري وائڙو.

اوتي پـَيو اوتيان، ٿئي ڪين تمام ُ،
شل! هي جيئڻ َ جام ُ، ڪـُـٿـِي ڪـُـٿي ڪينڪي.

شال اِها سـُرڪي، ڪـُـٿـِي ڪـُـٿي ڪينڪي،
چاندوڪيءَ ۾ چنڊ َ جي، پيئان جا سـُرڪي،
سانجهيءَ ساجهـُر ڪي، هـَـجي وٽيءَ وَٽَّ ۾.

مون ڪي جن مان ٿـِي ميـِلي، وَر وَر وَٽيءَ وٽَّ،
پنيرڪي ڪان مـَـٽَّ، ڪـُـٿـِي ڪـُـٿن ڪينڪي.

جيئين چنڊ پهاڙ َ تي، ڏرئي ڏيکارِي،
ائن مون پلهارِي، ڪؤنا ڪارج تي ڪئي.

Gul Hayat Institute

هندو ـ ڪش جا پيچرا، منهنجي ڪويتا،
چوڏاري ڇپيتا، تاڙن جنهن جي تِڪَ ڪي.

تنهنجي منهنجي وچ ۾، آ ڪيڏو درياهہُ!
تنهنجو منهنجو ساهہُ، توڙي هڪِڙي ڪي سڏي.

ٿِٽي نگر جا ڏيہي، ماڪَ پينا رابيل،
آهيان چئو تہ سويل، مان تنهنجيءَ سُرهاڻ ۾.

ڪائِي رڪَ تَڪي پٽي، تيسين سندوءَ ڏي،
پاڪُر پيڪوڙي، جيسين آن ڪي وهڪرو.

مورَ ٿهوڪا ڪَن جڏهن مان ٿي هوندس پاڻہ،
مون ڪي ياد ڪجانءِ، جڏهن وسن مينهڙا.

ڪارونجهر جي ڪور ڪان، سوا ڪٽ گهارين،
مِتان وسارين، ڪڏهن منهنجي واٽ ڪي!

او شل! سيرَنهن پڄَ جئن پنهنجي دل پوکيان،
ماٺهوئڙا موکيان، مان پنهنجيءَ مهڪار سان.

Gul Hayat Institute

او شل! بڙ جي ٻج جئن، ڦهنجي دل ڦوڪيان،
مارو! توکي ڏيان، وِڪ وِڪ گهاتو ڇانوِرو.

جر تي پڪي جيئن، آرهڙ ۾ اُڏري اچي،
تنهنجو ڪانڪي سُندري، منهنجو من ٻڻ تيئن،
ڪڏهن ايندين، ڪيئن؟ پيارا منهنجي پار ڏي.

متان ڀانئين ايئن تون، وسامي ويئي!
اگر منهنجيءَ آگ ۾، اڄ بہ اٿيئي،
جن سان سيپئي، ساڙين ڪوٽ ڪلور جا.

وَرش اچا ڪجهہ ويڪرو، اگهي ڪان بہ وشال،
مون ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾، لوڻيءَ لال گلال،
سورج سوني ٿال، آندو ڀاڪ بسنت جو.

Gul Hayat Institute

جهرڪيءَ آکيرو، متان ڊاهين او ميان!
متان اٽ کي مارئين، گُٽ گُٽ جو گيرو!
او شل! من ميرو، ڌرتيءَ تي ڏوئي هلين!

اونهي کي اُڪري جيئين، منهنجي سُرت سڄان،
ساڃي رکي مون ميان؛ ساري رات سکان،
ڪنڌيءَ ڀهڄي مان، پيڪوڙيان ٿو ڀاڪرين!

اوري ڪان اوري هيو، اڳتي اڳاهون،
ڏيهه نه ڏورانهون، منهنجو ڳوٺ ته مان ڳـري.

هي جو آڳ الاهه آ، مون لئه آ سيڪجهه،
جي ڳولين مون ڳـُجهه، پـُرجهه پتنگا لاٽ تي.

سال ستيتاليهه، يا تـُنـَل صـُراحي،
آندي تباهي، ڪنهن هيءَ منهنجي مـدّ جي؟

ساقي، او ساقي! ڏي، ڏي پيالي پـُر ڪري،
پياس نه آ لاٿي، آڌ چـُڪيءَ منهنجي ڪڏهن.

ڪاڏي پـيون سـُڃ ڏي، نـِگوڙيون ڪاهـِن،
رُڃ پٽيان آهن، رُلڻ ۾ ڪيڏيون روجهڙيون!

ڪنهن جي اطاعت، آءٌ نه ڪئي عـُمر ۾،
سـرهي سا ساعت جنهن ۾ آزادي هجي.

* آهي مون آجـيوڪا، آزاديءَ جو نانءُ،
آپـي شاهـِي، آنءُ، مـُور نه نهڪون پاڻ ۾.

---

* آجـيوڪا ــ جياپو.

اِندرَ جا اڏ رات جو، گگن ۾ گهمسانَ،
وَر وَر پوتيا واهه ۾، منهنجا روشندانَ،
آهه اڙي امڪان، تو لئه مان واجهائيان!

هيٺان سامهون سمنڊ آ، مٿان گهٽائون،
گهوري اوچي آپَ ۾، ڏسان تو آئون،
مون ڏي مکائون، آڏيءَ ڪيڏيون اوڙڪون!

هيءَ جا ڪيف ڪڙاڻ، چڙهي وئي چوٽَ تي،
آڏيءَ آئي تو تڪيان، سِڄ سنهريءَ ڪاڻ،
اُفق پار، آڇاڻ، اُڀري ڪا جيئين اڇي!

ٿنڀين ويٺا ٿنَ، چرڪا ڪيڏي چارَ مان،
اچان گهاتو گهيڙ ۾ اچا ڪارا ڪُنَ،
ڪيڏيءَ سانجهيءَ سُنَ، لٿو سِڄ سمونڊ ۾!

Gul Hayat Institute

سدا سامهون سنڌ ۾، سما ٿو ارغون،
ساگي جوشَ جنون، پرڏيهي هن ڏيهَ ۾.

اڄ ٻه ڪو ساهس رکيي، دولهه دريا خانُ،
ماري تو ميدانُ، واري پنهنجي جنڊڙي.

تنهن کي نوَ لکي نيڻ ها، تہ جا ڪئي ترديد،
* ڪانہ پوي ٿي ديد، توڙي توکي رودڪي.

لنوي ڪنڌيءَ ڪامَ تي، ڏوران ڪنياتو،
اڄ ايڏو آتو، ٻيهر ڏسي تہ پنڌ ۾.

مُلان مڙيا پيٽ تي، پيٽ تي پيٽوڙي،
پيڙ ي جن پوڙي، اڄ تائين ايمان جي.

مُلي کي منجهدار ۾، آهي پيارو پيٽُ،
مڇي، ماني، پيٽُ، ساري ويٺو ساهہَ ۾.

جڏهن ٻکهہَ مڇي، ڪنڌي پنهنجيءَ ڇنب ۾،
مُلي سٽ رَڇي، ساري پنهنجي ساهہَ ۾.

Gul Hayat Institute

مُلان! تو ٻڙ جي ڪڏهن، آهہ ڏٺي ڏاڙهي؟
ڇٽ هٿي پاڙي، ڏيهنو ڏنئي ڏيهہَ کي.

ملان ميڙيا پيٽ تي، ڇتن تا ڏوئي،
متان پر ڪوئي، سمجهي هئو سرچي وياهہ

---

* رودڪي — ايراني شاعر، جو انڌو هو.

مٿلان مڙيا پٽ تي، سوگھو جهلي ساھہ،
تِتي تُن ارواح، جتي پڪا ڏيگڙا.

جيسين تنهنجو گهر، ٿوڪي آءٌ پٽسائيان،
وهائوءَ وانگر، اڄ بہ تنهنجيءَ واٽ ۾.

جهولي وانگر جي جهلن، هيءُ انهن جو ڏيهہ،
ڪٿڇيءَ ڪامَ ۾ ويهہ، مٿان تارِي ٿوڙئين.

چڙهي جبل چوٽَ تي، پهتو جنهن جو پير،
ڪوهستاني ڪير، وڃي پيو واٽ تي؟

ڪيسين رهندو ڪوهہَ ۾، حالُ اسان جو هيئن؟
ڪٽڪَر ڪٽڙيَن جيئن، اڇن ڪي آڪاس مان!

Gul Hayat Institute

ايندا هو آڳنڊَ، تاريءَ کانگُ لنوين پيو،
پرين منهنجا پنڌَ، سامهون باک بسنت جي.

ڇا ڇا آسُر وير جو، ڇگهيرن تي ڇٽَ!
سارا ڳچيءَ ڳٽَ، پگهري پاڻي تي ويا.

ڪوهہ پيا ڪُڏڪن، وَگَرَ ويڙهي اوڏڙو،
قطارون ڪونجن، ايندين آسر ويرَ جو.

رڳو آهہ رڳون، لوئڙياري لاڙَ جي،
چڙو چيڙهہ چڳون، لوئيءَ جي لڙڪن پيون.

جي تون سڄڻ وسَ ڪان، ڪندين اڳيئي،
وينديں سيئي، ڪُونِ پرَ پُوري هتي. *

ڪتڙو پيئي ڏَتڙا ! لاڙي منهنجا لاڙَ جا، **
پٿرون ۽ پتڙا، جن تي تن جو آجيو.

هيءَ سياري ڦڙڪڻي، پارو پوي ٿو،
ناهي ڪتو ڪو، ٻوڪي ڏرتيءَ جا ڏٺي!

ورڪ وري ورتري وجهو، پنو ناهي پند،
هيءَ نہ آهو هند، جتي جتيون لاهيو.

پوري جند چڏي نہ آ، اچان جانارن،
متن متموتن، ڪيڏو ساهہ سڪائيو!

---

* لاڙ ۾ وس ڪان اڳ ڪوڏن جا پر پوريندا آهن.
** پِٽ! ڪتڙو پيءُ تہ ڏتڙو ٿئين— هڪ لاڙي محاوره

Gul Hayat Institute

* ڪَنہي ڪيڙيءَ ۾ ڏٺو، پکڻ جو وَرُ نہ ڪوڻ،
گيتُ ڏئي ويو گوڻ، سڀ ڪي رُڪ جيءَ راند ۾.

ڪاڇي-ڪانيون سنڌ جون، سفر ۾ ساريَ،
آرهو، آتابو ڪتي، پير نتو ڏاري،
ڪاھي ڪـُوڪاري، پيو مالُ چپرَ مان!

وَھيا ۽ وَنگاريا، ڪنياڻون ڪاتيي،
پکهرَ پورهئي پو بہ چئي، رات رُکيي ڪاتيي،
روز آئين ئي چـٽلھ، تي، پوڙ بنان پاتيي،
چنڊُ لکيي آڪاس ۾، مـَھيءَ جي ماتيي،
ڪيڏي اجُ گھاتيي، آ چانڊوڪي چوٽ جي!

سارو سالُ ستنا، ڏجھا هرڪنهن ڏُرت جا،
وڪٽي گهرَ گيتا، ڪيسين پالين پاڻ ڪي!

Gul Hayat Institute

آبون جي آڪاس ۾، تن ڏي نهاري،
گوندرُ ٿو گهاري، ڏولائي جا ڏينهڙا.

---

* ڪنو — تلوار.

ساٿي! ڪيِ نہ سڱاهہ تون، چِٽَ۔ ڦَڙيءَ جا پارَ،
پَڌهہ پُراڻن تي ميڙن، پيهر منهنجا يارَ،
ڪلهہ جي ڪوچ ڪري ويا، ڏرتيءَ ڪان تي ڏارَ،
اڄ بہ جن جي سارَ، پيرن کي پينگهون ڏئي.

اڄ نہ جوڙو جوتڙ، آپَ وسايون اوڙڪُون،
ڪارِي ڪبڙَ اوٺڙ، پهہَ پچائي پريت جا.

گهِتي، آترَ واءُ آڏرِي مُنهن ميٺيي ڪٿري،
ترس اچا ڪجهہ پاءُ، ايندي هيرَ بسنت جي.

مونَ منُ اِئن جٺن ڪوڏَ ۾ ڪيٺي ٿڌا ساهہَ،
تو بن منهنجا چاههَ، هي جڳُ سور نہ آئڙي.

مون من اِئن جٺن وائُرو آترّ جو پولي،
توکي تو ڳولي، سَرتيِ! ڪيڏِي سيءَ ۾.

* اچان نہ آئي ڪنڌي، نيڪهي جا ڏارون!
ڪيڏيون تو سارون، ڇا ڇا تن جو وهڪرو!

---

* تکو ـ پاڻيءَ جي تيز وهڪري کي چئبو آهي-هي وهڪرو درياهہ جي ٽئين حصي ۾ ڪنڌيءَ تائين ٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

جي تون ساهسُ ڏاڙهين، باقي توري جهٽَ،
* پري ناهہ پَـلٽَ، متان هينيون هارئين.

توڙي ڪيئي صورتون، تو بن آنءُ نہ آنءُ،
او شل منهنجو هانءُ، ڪوسو تنهنجي ڪيچ جان!

چمپا تنهنجي چاڻ تي، صدين جا چارا،
مُلان مُنهن-ڪارا، ڪيڏا ڪُوڙ بڪين پيو!

سدا تنهنجي ساهہ ۾، ڪڪيءَ جا ڪارا،
مُلان مُنهن ڪارا، ايڏو ساڙُ سگهند سان!

ڏاري نہ ڏيڙڪاهُ، ايندا پکي پارَ جا،
تو لئہ ڪندا پولڙيون، ويهي کهڙيءَ جاء؟
تڙپي ٿي تن لاهہ، هاڻي هيرَ بسنت جي.

آءَ آڏيرولالُ، شل مون کي سمجهي سگهين،
نيٺ پلائي يالُ، آيران تو آنياءَ تي.

---

* پلٽ — ڪپرن تان پاڻي چڙهي جڏهن وهڻ لڳندو آهي، تڏهن اهڙيءَ حالت کي 'پلٽ' چئبو آهي.

Gul Hayat Institute

هي سارو جڳ پريت سان، ٿيندو سُرڳ سمانُ،
ڌرتيءَ لاءِ ڌڪار جنهن، مورک آهہ مهانُ،
چار ڏهاڙا جندڙي، آهي ڇا انسانُ،
* ڇا لئہ تون حيران، ڪَـنَ ** ورهائي ڪائيا.

جنگ جهنم وانگيان، سارو جڳُ ويرانُ،
هيل نہ رهندو جيئرو، ڪوئي بہ انسانُ،
ميان تون نادانُ، جيَ تون سوچين جنگ جو.

جي ڪا ويڙهہ ڇڙي پئي، هيل نہ رهندي پَون،
ميان! مٽان تون، وڙهڻ جون وايون ڪرين.

پريت سوا وهنوار سڀ، آجوڪا ناهن،
ڪوهہُ پيا ڪاهين، ماڙهو مورک موت ڏي!

رک ڪنڌؤ سڀڪجهہ، ڌرتيءَ جا رهواسيو!
هو جو ڳُوڙهو ڳُجهہ، ڪنهن بہ نہ پاتو ڪينڪي.

** جُڳ جُڳ جيئي پائڙا، هي جو سارو ورش!
اهڙو ڪو آدرش، تون بہ جيئين مان پيي جيئان!

---

* ڪَـنَ ـ مانيءَ جا ڏڪرا.
** ورش ـ ڌرتيءَ جو ڏڪرو

Gul Hayat Institute

* ڪالهہ ائين جئدرٿ کي، ڇو تو ماريو؟
اڄا همسايو، منهنجو مون سان تو وڙهي.

هونئن تہ اوچا آپَّ ڪان، آيماني ڳاٽا،
ميٽيءَ جا ماٽا، جڏهن تُٽن اوچتو.

ڪيڏي مٽيءَ کي ميلي، آهي لالچ لوڙَ!
ڪيڏي نہ ڊُڪ ڊوڙَ، آهي ماڻهوءَ جندڙي!

ڪالهہ تہ منهنجي هٿ ۾ پٿرَّ ئي پٿرَّ،
جن سان مون ٽوڙيا پئي، تنهنجا شيشي-گهر،
اَڄيا توکي پرَ، مون اڄ گُل گُلاب جا.

آزاديءَ جا ڏينهڙا، ڇڻ ڪا گُلن پوکَ،
ماڻهو! تنهنجي موکَ بي کهڙي سنسار ۾؟

Gul Hayat Institute

---

* جئدرٿ ـــ مها ڀارت ۾ ڄاڻايل سنڌ جو راجا، جنهن کي ڪرشن مارايو هو.

هيءَ جا سپنيءَ مان سڏي، وڃي پٽئي واٽ،
ڪٿي آن جي جاٽ، ڪُهہ جاٽان ڪنهن جاءِ تي!

* اڄ تون اوسر رات، متان مڇ ورسائيين،
جاڏي ناڏي سوئرن، ڪاري آهن ڪات،
جيسين ٿئي پربات، گهِتا چڙ نہ گهرجي.

ميان! تون تہ اڄا ننڍو، سنڌيءَ ۾ سوچين،
پنهنجو پاڻ ڪرين، روز پيو تون ترجمو!

جيڪي سنڌيءَ ۾، سو بيءَ ٻوليءَ ۾ ڪٿي!
اردوءَ، هنديءَ ۾، تون آهين ڇڙ اوپرو.

جيڪا ٻولي تنهنجي سان، تنهنجي پيٽ پئي!
سا تو ڪئن ڪئي، اڄڪلهہ آهي اوپري!

Gul Hayat Institute

---

* اوسر – اوسر جو شڪار – شڪار جو هڪ قسم آهي.
'اوسر' هڪ سڌو پٽهو ٿيندو آهي، جتان سوئر پوڙين پهر جو موٽ ڪائيندي، گهاٽن مان اچي گذارندا آهن. اُن لاءِ مقرر گهاٽن تي ڪاٺين جي ڪوڙن کي باهيون ڏنيون وينديون آهن پر شڪار وقت گهٽن مان ڪي ڪي سوئر نڪري ڀڄي ويندا آهن.

پنهنجي ٻوليءَ ۾ ميان! جڏهن چوندين ’ماءُ‘،
توکي اهڙو ساهُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪٿي؟

ڪو جهي چوي ايئن ”تنهنجي ماءُ مري وئي“،
۽ توکي ڳوڙها اچن، اهو ٻڌڻ سيئن،
ٻولي تنهنجي تيئن، آهي آمڙ وانگيان.

پيلو ٻلي شاهہ، ھُو ٻہ تہ منهنجو آ ميان!
ها پر منهنجو ساهُ، پيڙائيءَ بن اوپرو.

سچل سچل تو ڪرين، سهندين سچل چپ؟
ريٿي تنهنجي رَبُ، پاڻي هُن اونڌي ڪئي.

سامي سامي تو ڪرين، سمجهين تو سامي،
تو لئہ مدامي، ڪهڙي معنيٰ تو رکي؟

Gul Hayat Institute

سوچي سمجهي وائڙا! ڳولي لهو ٻيٽ،
* چيڪڻ جي چپيٽ، ٻيڙا ٻوڙي ڪيترا.

---

* چيڪڻ - درياهہ هڪ پاسي ليٽي مٽيءَ کي روڙيندو آهي. اُتي درياهہ کي ايتري طاقت هوندي آهي جو وڏيون ٻيڙيون ۽ ٻيڙا اُتي غرق ٿي ويندا آهن. پاڻي زمين کي ائين رهڙيندو آهي، جو لڳندو آهي تہ ٽچڪي يا اُپامي رهيو آهي.

چڪن جو آواز آيو آسر وير جو،
متان ٻيڙو ائين ڪنهي، جئن جهرڪيءَ کي باز،
سوچي ڪيو ناز، موڙها ملاحن تي.

ڀڇائي ٻي پار ڪئن، سوچي تو سوئي،
* ويئو آ ڪوئي، ڪاريءَ رات ڪنار تي.

هيل ته ڪوهستان ۾، ڏاڍا تتا ڏينهن،
موٽي آئين مينهن!، پر تون پنهنجيءَ مند تي.

کهڙيون ٿامي گهاگهريون، متيءَ جا ماٿا!
ڍ ڳڙ، ڍوڍيو ڍل ملي، کهڙا اُڦراٿا!
جهڙ ٿيا گهاٿا، لاڙي آبر آسري.

هيل ته ڪنهن طوفان جي، اچي پئي راڙ،
** ڦهڪي سان ڪوراڙ، ڪيري ڪنديءَ لام ڏان.

آترڪان اونهي سٿوا، ٺمڪي ٿي ڪا لاٺ،
گهگهه هوا گهوگهات، ڪيڏا ون ڪري پيا!

---

* ڪنار ـ ڪندي.
** ڪوراڙ ـ وڏي بلا.

Gul Hayat Institute

ولرَ ورِي واءَ، اُڏري کن ڪيڪاٽ،
ڪيڏا اوچا ڳاٽ، ڏورِي جن جا اولڙا!

سج لهيَ سانجهي ٿيو، ڪَهرِي ڳُڙنگ مٿان،
تانگهيان آهه اڄان، ڪَڙيءَ ڪُڙڪا ڪيترا؟

ڪيئي ڳابا ڳڙنگ ڪي، تپن تا موتيي،
ڪنوڻ نہ ڪوڏيي، آهي آتر پارَ جي.

مانجهي مڙيئي، ڏُيرا آهن ڏيل جا،
ساندارو ڏيئي، پهچي ويندا پار ڏي.

□□□

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# سُر نارايڻ شام

تنهنجي رڪَ ڪٺي ويون، گنگا جون لهريون،
سنڌوءَ اُڀريون، ٻانهون ڦهلايون گهٽيون.

شيام! نه آئي رادڪا، گذري ويئي رات،
ڇا تو مڃي مات، گوڪل مان گم ٿي وئين؟

اڄان سڀ ڪجهه سانورا، اڌورو آهي،
دل ته نه ٿي چاهي، اِئين لڏجي لوءِ مان.

شيام! اڄان آڏٽي هئي، تو مان نئين سِنڌ،
ڇا تو هِرڪيي هِندُ، پنهنجي ڪئي پيار مان!

توکي ڇڪي ڪانم ٿي، شفق سنڌوءَ تي!
دور اِئين ڏُوڪي، ڪاڏي وئين ڪاپڙي؟

سنڌو! تنهنجيءَ لهر جئن، جو نارايڻ شيام،
ڪندو ڪئن وسرام، سو گنگا جي گود ۾؟

لڏي پٽي لام، آڏري دور هليو وئين،
ڪٿي ملبو شيام! پکيڙا پرڏيهه جا.

Gul Hayat Institute

* ڪدم تان اڏ رات جو، توکي ڳولي چنڊ،
مور نہ ساڳو منڊ، توکان سوا سانورا!

راتڙيون روپيون، جن سان بنان چنڊ جي،
شيام آهي گوپيون، تو ڪئن لاتيون جيءَ تان!

اڄ بہ ڪن ٿا گهنگهرو، پونم ۾ گهڻ گهڻ،
ڳالهہ تہ منهنجي سڻ، سنبرين ڪاڏي سانورا؟

اڄان آهن ڳائنا، ڇا مون کي ڪجهہ گيت؟
توکان پوءِ تہ ميت! سانجهي سوني ٿي وئي.

اڄ تائين گوڪل ۾، اڇن ٽيون ڳايون،
اڳ نہ اڏن آيون، هاڻي وانگر اوپريون!

Gul Hayat Institute

هوءَ جا رڪت-رتيي، تنهنجي گنگا گود ۾،
ڪيڏي موج متيي، اُن جهي آدرياءَ لئي.

جاڻي ڇا شمشان، ڪير جلائي ٿو پيو،
کهڙو مڙس مهان، آرپي پيو آگ کي!

---

* ڪدم - هڪ وڻ جنهن جو هندو ديومالا ۾ ذڪر آهي.

* هُن ڪُرتيءَ تاريخ جي، ڪوڙي ڪهاڻي،
تو ڇاڻي واڻي، ٻُڌڻ بند ڪري ڇڏي۔

نہ ڪي تون ڏي رکّ آن، نہ ڪي مان مِٽي،
تنهنجي منهنجي پيار ۾، چانڊوڪي ڇٽي،
گهڙيَ، ساري گهٽي، جنهن ۾ جهرمر ڪن پيا۔

وڃي تو هرڪو، ڪو بہ نہ آ رهڻو هتي،
ڪو گنگا جي گود ۾، سنڌوءَ جي پير ڪو؛
اهڙو ڪم ڪر ڪو، جيڪو ماري موت کي!

برندا بن ۾ بنسريءَ ڏاران رهندو ڪيرُ،
پيو سڀ پنهن ڍيرُ، آخر آگ اَلاوَ ۾۔

پر جي هن تاريخ ۾، اچي ڪو ڦيرو،
پيارا ٻو پهرو، تنهنجو آءٌ ڪٿي ڪٿان؟

تنهنجي منهنجي جيئري، ڪري منَ مستانَ
گرمايا جنهن گونج سان، آديءَ جو استانَ،
ساڳيءَ بنسيءَ تانَ، اڳتي وڌي انت ڪان۔

---

* ڪُرتي ــ ذليل، وڏشيا۔

Gul Hayat Institute

گنگا کي پوتر ڪندي ويئي ھُن جي رڪت،
سندو! تنھنجي بکت، آريہ ورش امر ڪيو.

توڙي پرڏيھي ٿئين؛ ڏيھي ھُئين تون،
سنان مُور نہ مون، لاٿو تو کي ساٿورا!

ھُو جي رڪت ڪٿي ويون، گنگا جون لھريون،
ڪيڏو اُڀريون، ساگر منجھ سمائيون.

ڌرتيءَ لاءِ ڌڪار جا، آيا نہ الزام،
تون ساميءَ جي سامُ، آءٌ پٿائيءَ اوٿ ۾.

سانورڙا! تون سند کي، ڪر ڪائي آسيس،
جيئن نہ جھڪن سيس، ڪنھن جي اڳرائيءَ اڳيان.

ناھي پنھنجيءَ ساھتيہ جو ڪو وزھاڳو،
پانيو مون پاڳو، ڪڏھن ناھي پاڻ کي.

شيام! رکيو منھنجو نہ آ، صدين سان سؤدو،
آءٌ ۾ مون تنھنجو، پاڳو ناھہ پلائيو.

Gul Hayat Institute

صدين لئه رهندو سچو، هي جو منهنجو 'مون'،
متان پيائين تون، آڏو ڪندس مان پاڻ ڪي.

نيڻان وچن ڪين تيون، اڄ ڪلهه گهٽائون،
آڳميو آهين ڪٿي، ڇا مون وانگر تون؟
يا ته ڪويتا پيون، آهن رڳو هن لوڪ ۾؟

وس به ڪيڏي وس، بادل بيهن ڪين ڏا!
گونڌر سارا گس، لڙڪن منجهه لڙهي ويا.

ايڏي ساري ڏنڌ ۾، آهي ڪائي ڏام،
يا ڪا ڪوڙي سڌ ڪنهن، آڇي آهي عام،
ڇا، ملنداسين شيام! اوڏا ايندا سين وري؟

لهر سمايون بوندڙيون، سمنڊ سمائي لهر،
جهاڳي پنهنجا پهر، پهچي وئي پاتار ۾.

جڏهن مون جاچي، ڳولهي ڪلهه تنهنجي ڳلي،
جهڙي ڪراچي، تهڙي مون لئه بمبئي.

هي ماڻهو ڇا هي؟ مٽيءَ جو ڪيڏاوڻو،
پار جيان جنهن ڪي اجل، ڇاهي ته ڏاهي!
ڇا، مون ڪي آهي، موهه انهيءَ ٻانڊاڻ سان!

چا تون ايندين ڪونہ، سڱ ويو توکي وٽي؟
تن کي ڏنو تو نہ، هو جي تُوهر ماڪ ۾!

متان پائين تون، ورڻو ناهين پاتري!
چاڄي هيءَ رُون رُون، ليڪيءَ وِرندين لوڪ ۾.

لوڪُ ڇڏي پرلوڪ ۾، رهندين سڀ ڇمار!
وسري ويندءِ يارَ، هيڏيون ساريون صورتون؟

اوندهہ جي اسرار ۾، وڃڻ تو چاهين؟
توکي ڇڪي پريت ٿي، ڪاڏي پراهين!
ڪاڏي تو ڪاهين، پاندُ ڇڏائي هيءَ پرين؟

پِلي وَئين پاڻان، چا تون پنهنجيءَ پونءِ جا؟
ڪٿي آن ڪنهن جاءِ تون، آءٌ نہ تو ڄاڻان!
پر تو پڇاڻان، هيئون مون هيڻو ٿيو.

جيسين تون ايندين، دنيا پي هوندي هتي،
سوا ڳت ٿيندين، جيڏا! جڳ جڳ ڪار ۾.

ستُ جڳ بہ هن لوڪ ۾، ستُ جڳ بہ هيڏانهن،
وڃين تو ڪيڏانهن، ڪلجگ ڇڏي ڪاپڙي؟

ڏرتي مون کي شيام ڏيي، اڃان ڪانہ ڇڏي،
وينڊس پتل ۽ آڏي، تنهنجي منهنجي وچ ۾.

شيام! سريلي بنسري، هاڻي ڀيو ڪو سر،
هتي ڪرڙو ڪونہ آ ڀيهر ڪرڪيتر،
هر هر مون هرڪر، ننڊ نہ اچي رات جو.

ساري رات ڪبير سان، تو مان ڳالهايو،
ڏرتي انبر ٿي وئي، اهڙي پر ڳايو،
ور ور ورجايو، نياپو هن جي نينهن جو.

ڪئن مان ورهائي سگهان، گنگا جون لهريون،
جيڪي اڀريون، تنهنجي رڪ ڪئي ويون.

چا، هاڻي؟ نہ، نہ شيام، اينڊس پر ڪجهہ دير سان،
پوري سمجهي ناڻهہ ڪنهن، اڃان منهنجي مام،
اڃا ڪتي عام، سهمت منهنجي ساهہ سان!

سپنا سرجن ها هتي، گڏجي ٻہ ٻينوئن،
ڪاش اڃان ڪجهہ تون، ساٿ ڏئين ها سانورا!

Gul Hayat Institute

ڪيڏي ڪُلهن ڳسُ، ڪيڏا لنبا قافلا!
ترسيين ها ڪجهہ دير تون، آءٌ تہ ڪيا وسُ،
آئين اڃا مٿس، پيهي وڃين پڇهہ ۾.

آهہ اڌوري تو ٻنان، هيءَ جا منهنجي 'مون'،
ساميءَ وانگر تون، سدا رهندين سنڌ ۾.

ڀوهر هي پنهنجو وچن، ڪر تون ڌرتيءَ ساڻُ،
وري ڪنهن ولهار جو، پائي تون پهراڻُ،
تيندين پنهنجو پاڻُ، گهر ويندي گوڏولِ ۾.

منهنجون پانهون ايتريون، ڏکيون آهن يارَ،
توڙي تون ٻي پارَ، ڇڪي ڇاتيءَ لائيانءِ.

وڏڦڙو، ولهار، مورَ ٿهوڪا ڪن پيا،
ڪٿُن تون ٿئين ڏار، ڌرتي ڇڏي ديس جي!

شيام! اڃان هيءَ پرٿوي، جيسين ٿي پورڻُ،
تيسين آهي ڇڻُ، ڪٿوتا ڪارجُ ڪيترو....

□□□

Gul Hayat Institute

## نوان سلوڪ
##ساميءَ جي نالي

سامي ڪلپت روڳ، ڪونهي جڳ سنسار ۾،
اهڙا ساري ديس ۾ ماڻهو پوڄڻ جوڳ،
پوڳين پوڳ اپوڳ، ساڪي سار-سروپ جا.

سامي تنهنجي شاعري، جنهن جي قوتي جيئن،
آڏو ڪنداسين ڪيئن، تون ته سدائين سنڌ جو.

سنڌ آها ساڳي نه آ، سامي رنگ سماءُ،
ڪنهن ڪي وچ ورچاءُ، ڪهڙيءَ رهڻيءَ ڪونه ٿئي.

ڪهڙ ڪٽورا ڪيترا، ڇڪيا ڇڙن نه سڀ،
ناهي پيار آلپ، سامي هن سنسار ۾.

Gul Hayat Institute

ڏيئي ستن سڪان، لنڊ مان لانگهاڻو ٿيا،
سامي تنهنجيءَ سنڌ ۾، جيڪي مڙس مهان،
ٿيڻي توڪاري ڏسن آڻ-ٿيڻيءَ امڪان،
جيڪا جوڙ جهان، تنهن ڪان وارن نابري.

سامي ڏي آسيس، گهر ۾ گهر وارا ٿيون،
گهوريا سارا سيس، جنهن جي چانئٺ ڪي چمي.

ڪهڙي ڪـَـتَّ آڪٽ، سامي هن سنسار ۾،
آهي آديءَ سُونهن جـِي، چنڊُ نہ ڪائي نتَّ،
ماٺهو ڪهڙي وتَّ، آ ايڏي اسرار ۾!

سامي هيءَ ديهـِي، سڀڪجهہ آ سنسار ۾،
اِن ۾ آهي جو نہ ڪجهہ، ڏيهي پرڏيهي،
پـُرجهـِي ڏس پيهـِي، اِن آدِي اسرار کي۔

* ’ڪـَـن جئن پؤنڪار سان آنُ-آريا آيا‘-
لايا سجايا، ڪئن ٿيندا هـِن لوءَ جا!

چيـَـنُ تو چيو، آهي ساريءَ سنڌ کـِي،
اندن اڌَّ ڪيو، ٻوليءَ جا پـَرجهل وجهي۔

نوڙِي ناهي نانگ ۾، سپنو نہ سچ يارَ؛
سچ پچ هن سنسار، وِهہَ وراڪا ڪيترا۔

سامي! مايا موهہَ سان، ڪچي ڪوهہ پيار؟
ٻيو ڪجهہ رکو رَڪَّ آ، سڀڪجهہ آ سنسارُ؛
ڪيڏو اتياچارُ، تنهنجو پنهنجي پاڻ سان؟

---

* رگ ويد ۾ چيو ويو آهي۔

Gul Hayat Institute

مُنهن مِٽيءَ پائي، اوندهہ ۾ تاڪوڙا هڻين،
تو کي پيلائي، وڏو جوٺيءَ ورديا.

مايا سارو سچُ آ، مايا نہ ڏوتڻي،
انڌا آڏوتي، جوٺ چون ٿا سچ کي.

ستگُرُ سارا ڪوڙ جون، پنڊيون پڙهائن،
ڇمڙا اوندهہ ۾ جئين پرڙا ڦڙڪائن،
وڃيو من لائن، نيٺ ندوريءَ ’نانهہ‘ سان.

سارا ويدَ پُرانَ، تاڃڻي پيٺو ڪوڙ جو،
جندُ چڙائن ڪوڙ ڪان، ڪُي ڪي مڙس مهانَ
جن جڙي ڪنڀي تانَ، سامي هن سنسار تي.

وڃڻو آ ڪنهن ويرَ پاڙي سو سمجهان پيو،
پوءِ بہ ڪُتا ڪوڙ تي، ڪڏهن منهنجا پير؟
سامي مڙس مٺير، پرجهن ٿا پرلوڪ کي.

سامي جا شمشان ۾، سڙي ٿڻي ديهڻي،
تو کي آن جيهڻي، مور نہ ملندي جندڙي.

Gul Hayat Institute

چنڊُ گهٽتا ۾ جئين ڇُپي، تئن تو مُنهن تي وارَ،
ڪيڏي سرسي سُونهن آ تن سان هين سنسار!
پرين! تنهنجا پار، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا!

هي جو تنهنجي نادَ مان، انوکو آواز
راڳي! ڪوئي راز، ناهي اَن جي نينڊ ۾؟

ڪنارو ڪوئي، ناهي نيري سمنڊ جو،
مٽي بہ سوئي، جيڪو هيٺ زمين تي.

ڇا ساري سنسار ۾، آهي مٽڙهيءَ ڌوُپ؟
ڇا سچِ روپُ آنوپُ، ناهي ڪوئي نانهہُ ۾؟

اوندهہ ۾ اِسرار لئہ، ويٺو واجهائي،
مُنهن مٽڙهيءَ پائي، سامِي ڏسي ڪينڪي.
Gul Hayat Institute

آخر مايا موهہَ ۾، ڇا ناهي سامي!
آيون گُلّ گلاب تي، مکيون آڏامي،
ماڪي مدامي موهي تن جو هيئڙو.

ڪيڏو ڪالهہ منجهائيو، مون کي موتئي آنت،
ساري رات بسنت، آندا ڦول ڦلار ۾.

سامي! هي ويراڳ جون ڳالهيون نه ڳائين،
ڪنهن جي چوٽيءِ پيار مان، مُنهن جي لڳائين،
ٻانهون وجهي ٻَڪّ ۾، ٻاڪُرَ تنهن پائين،
سورڳُ سمائين جيڪر پنهنجي جند ۾!

سامي! ڪڏهن ڪَچّ نه، ڪٿين جي پوٽيءِ،
وريءِ نه موٽي، ڪرين ڳالهه تياڳ جي.

سامي، شورَ سمونڊَ جي، قطري ۾ پيهيءِ،
ڳالهه ڪئي ڪيهيءِ، آسّ ڏسي آڏري ويو.

نوڙيون سمجهي نانگُ، ڇو نڪتين تون ڏيهه مان،
سامي! تنهنجا سانگَ، مُور نه منهنجيءَ سمجهه ۾.

ڌو لئه آهيان آنءُ، اڄ تائين افسوس ۾،
سامي تنهنجو نانءُ، مُور نه مون کي اوپرو.

سامي! اوشا، راتڙي، پيئي من موهينِ،
هن ساري سنسار کي ڪيڏي شوڀا ڏينِ!
پر جيئن سي ناهينِ، ڇاهي تنهنجيءَ نانهه ۾؟

Gul Hayat Institute

سامي! منهنجي ڏوهتي، واڙيءَ ۾ ويهي،
آهي تنهن جيهي، هو جو گُل گلاب جو.

هاڻيدرَ منهنجون، ڪيڏيون آنديون سنمرتيون،
ڳالهيون ساميءَ جون، تن ۾ چڙهي تيرَ جيترديون.

* هو جو شاهي باغ ۾، ڪترنهي جو ڦهلاءُ،
واسي آيو واءُ، جنهن ڪي ڪنهن جي واس ۾!

پاڻي ليمون ميٺ ۾، ڪاله، ڪنهن چوِياريءَ،
** پرسان بيگاريءَ، ٻڙ جون لامون لوڏيون.

هي مايا جو موهه آ، سڀ ڪان چڱي شيءِ،
آن ڪي شل نيريءَ، آپنائين آپديش ۾.

Gul Hayat Institute

سامي، موهه نه پاپ پر، آهي جيوَن-جس،
جيئن ڪويتا رَس، تو جا سانيي ست ۾.

---

* شاهي باغ - شڪارپور جو-هڪ باغ.

** بيگاري - شڪارپور ۾ شاهي باغ جي پرسان اڳ وهندڙ واهه جو نالو، جنهن جي پرتي ٻڙن جا گهاٽا وڻ هوندا هئا.

سامي هاٿـيدرُ، اڄ تائين توسان هـُري،
تنهنجو منهنجو گهر، آهي توري پند ـتي.

بيگاريءَ جي گهاٽ وٽ، واياٺيون تـڙڳن،
ڇا ڇا منهنجي من، آيا گـُـل" گلاب جا.

* هـُو جي رانون ميٽ ۾، ڏنگيءَ ڏرڪ ڏين،
ڇا ڇا منهنجي من، ساروٽيون ساٿيھ جون!

مايا ڇا ۾ آ بـُري، مـتـڏ" ۾ جي مايا؟
ءَ سامي کنهن نار جي، کنچن جڻن کايا،
آتـرجـي آيا، مـُـنـي جنهن جي موھ ۾.

سامي، مايا موھ ۾، ماڻهو ماڻهو ٿـي،
هونءَ تہ پسونءَ کي، آهن پل چمار جا.

هيءَ جا ڏياتي، آهي منهنجي ڏاهـَ جي،
سامي اُن جي سوچ آ، ڇؤـُـک ڇؤواتـي،
مڏ جي کا ماتـي، کولهي کيپُ ٻري پٽي.

---

* واهـَ تي زالون ميٽ لائي سنان کنديون هيون.

Gul Hayat Institute

ساميءَ هيءَ آصول رک، مرڻو ڪڏهن ناهہ،
اِنهيءَ ساڻ نباهہ، مرڻ کي معنيٰ ڏئي.

سامي هن سنسار ۾، مرڻ مٺو آهہ،
ڪا تہ امرتا چاهہ، معنيٰ ڏئي جا موت کي.

جيءُ اِئين جئن هرگهڙي ٿئي ڳلن هار،
جيئڻ نہ جنجار، سامي جي ساڃاهئين.

سؤ ورهيءَ جئن سرڪندو، سامي! جيءُ نہ تون،
اِئين گهارِ گهڙيون، پوپٽ جئن پرواز ۾.

آءٌ تہ سرجڻهار هان، مرڻ نہ اوڏو،
مٿان ڪو مٺو، مون کي ڏئي موت جو!

Gul Hayat Institute

سنڌي ويد پران جئن، منهنجا هي اشلوڪ،
جن کي پائن لوڪ، منهنجي ڪوِتا بانوري.

آءٌ ڪسانن لئہ پيو، جرڪايان گهر گهر،
ميٺيءَ مان ناهن اِهي منهنجا ديپ آمر،
تن سان هت جرتر، ٻهہ ٻهہ ٻهہ ٻهہ ٻهڪندو.

ساميِ پنهنجي دؤر جو، آءٌ بہ ويدوياسُ،
ڇڻ ان جو اتهاسُ، آهي منهنجي شاعري.

سامي مان سنگرامُ، رُوميون ڪيئي رت جون،
مون کي منهنجو عامُ، صدين کان پو سمجهندو.

منهنجي لکت اِئين جيئن، ڪُرڪيتر ۾ ڪانَ،
ڪيڏا شڪتي-وانَ، جذبا منهنجي جيءَ جا!

’ڪنڙڪنڙ‘ ’ڪنڙڪنڙ‘ ٿا وڄن، منهنجا گيت مهان،
ڪُرڪيتر ۾ ڪان، آهن منهنجا ڪيترا!

مان ئي آهيان واگهہ-نَکُ، مان ئي شيواجيِ،
آهي چڻ آجي، پوَ کان منهنجي شاعري.

Gul Hayat Institute

مان ئي ميواڙ آن، مان ئي پرتاپُ،
ڪيڙي جنگ جو جاپ، ڪوتا منهنجي ڪنٺ ۾؟

آءٌ آڏيرو لالُ هان، جي تون سڃاڻين،
پر تون ڇا ڄاڻين، مون جي پولَ پڇون ڪيا؟

منهنجي پُستڪ جو هيو گيتا هڪُ اڌياءُ،
سامي! منهنجا ياءُ، شايد تون سمجهي سگهين.

ڪيڏي جوين- وَنت آ، منهنجي پڇاڙي!
چڻ ڪا اُماڙي، آهي آڌيءَ رات ۾.

سامي ڪَويتا ڪئي، پنهنجي ڪيرتِ سَڦَلُ،
پولِ سگهارو پَلُ، توڙي ڪوٽُ ڪلور جا.

پئي جا روز ڏرٺي پيو، ڪاريہُ چڻ ڪيتا،
راوڻ ڪان سيتا، ڪَهہ چاڻان ڪئن مونڌي!

ڪوڙر اِئن نہ ٽڪائٽي، جيئين ڪويتا،
ميان مَسيتا! هيءَ عبادت آئنتري.

تون ڇا چاڻين، آءٌ تو ڏاهيان تاج محل!
اج منهنجو پل پل، مَر مبَر جئن مُرڪي پيو.

سامي! ڪاجوراہ ڪي پوليءَ ۾ آٽي،
سُندرتا هاٽي، آڇي مون هر مَنش ڪي.

Gul Hayat Institute

مون اڄ تنهنجي لاءِ ٻي، ناهِي آجنتا،
جـَنتا او جـَنتا، شل مون کي سمجهي سگهين!

نڻي ۾ مون کي ڪـُتو، ڪلهہ هو نادرشاهہ،
اڄ ڏاڍين مون آهہ، ٻـڙپائي تاريخ کي.

سامي، او سامي! ڏيندين ڪئن شرنارٿي؟
مون وٽ مـُدامي، آهن تنهنجون ڳالهڙيون.

جي تو ڪوٺيو 'دَنَتَّ' کي، مايا اي سامي!
پوءِ تہ ڪا خامي، ناهي تنهنجي سوچ ۾.

سامي، مايا آهہ جي، ڀنهنجي ڪويتا،
پوءِ چاهي گيتا، آن جي لاءِ ڇا ٿو چوين؟

Gul Hayat Institute

پوءِ تہ مايا تي ڪري، لايا سجايا،
هيءَ بہ جي مايا— چِتر، ڪـَوتا، مورتيون!

سامي! ڪئن مايا اِهي، هي جي ماڻهوءَ لڙڪ!
جهڪي وَهن ڪـُڙڪ، پاڻي ٻيِ جي دُکَ کي.

سامي! مايا ڪٿ اِهي ڇمُيون ڇڙواڻيءَ،
واڻهڙوءَ ڳاڻيءَ، جيڪو رهيو راڻڙي؟

سامي! ڇا مايا اِهي ياڪُر ييڪوڙيا،
جن ڏُڪڙا لوڙيا، ورهين لاءِ ونجوڳ جا؟

سامي! مايا ڪٿ اِهي راتين جا رولاڪَ،
جن جا چِڪن چاڪَ، ڏوران ڏسي چنڊَ کي!

سامي! مايا ڪٿ اِهي، ماڪ ڀِنا رابيلَ،
آيا جيڪي هيلَ، منهنجي ڪوتا ۾ ڪَٿهي؟

سامي! مايا ڪٿ اِهي، هڪٻئي لاءِ رڙيون،
آڌيءَ رات آڙيون، جي اوندهہ اوڙاهہَ ۾؟

سامي! مايا ڪٿ اِهي منهنجا سارا گيتَ،
جيڪي آهن جيت، جوڻي جڳَ جي ڪوڙَ تي؟

هي ڪنهن جو آ نانءُ، اَمرتا آسائتو؟
سامي! جي سمجهي سگهين، آهيان آنءُ نہ آنءُ،
ڏسُ هي منهنجو هانءُ، ڌڪي ساري ديس لئي.

نہ ڪبي ڪا شيءِ رام ۾، نہ ڪي تلسيداسَ،
ڪوتا جي آرداسَ، اوتَ اَمرتا جي ڪئي.

Gul Hayat Institute

هي سُندر سنسارُ، ڪيئن ڇڏيندس جو ڳيا!
مان ڇو سِرجڻهارُ، آن بن مان ڪاڏي وڃان؟

هي جي سُندر نيڻَ، تن سان منهنجون ڳالهڙيون،
ورچي ڪندين ويڻَ، مايا آڻي وِچّ ۾.

هِن سُندر سنسار ۾، مان جو آدورو،
ڪئن ٿيندس پورو، اِن ڪِان مُنهن پاسي ڪري؟

ڪنهن نيري آڪاس ۾، نيلم پکڙايا،
هي جيڪي آيا، منهنجي ڪَوتا ۾ ڪهي؟

ڪنهن نيري آڪاس ۾، ڪتيون ٻهاريون،
ٻاڪون آجاريون، شاخون ڪيڏيءَ سجّ جون؟

Gul Hayat Institute

گهٽائن ۾ سامليا! چندرما ڇاهي؟
ڇا هو پڻ آهي ڪنهن مايا جو اولڙو؟

ساميٰ! ستارا، ٽم ٽم هيٺ نِهارڻ ۾،
ڇا هي سڀ مايا هيا، نوري نظارا!
آخر تو پارا، ڇا ٿا ڏسن ٻانهن ۾؟

سامي! برندابن ۾، ڪومل ڪنواريون،
پُشپ لتا جئن چيلهہ سان، هو سُندر ناريون،
ڇا مايا ساريون، تن جي مٿن گهاگهريون؟

سامي! هُو ڇاتيون، آنبَ نہ جن لئہ اوپرا،
مايا جون باتيون؟ سامي! هو مايا ڪٿي؟

جوڙو ڏاهي جڳُ، سامي! جيڪو سامهون،
ڏيکي ٿو ڪو ڏيکُ، توکي هر اشلوڪ ۾.

مان جنهن سُندر نار جو، عاشقڙو آهيان،
آن کي ڪئن پانيان، مايا پنهنجي هنج ۾؟

ڇو نہ گهٽائُن چنڊ لئہ، ڇڏيون وڇوتيون،
اِئن ڪاريون ڇوتيون، ماسهيري مُنهن تي ڪيريون.

هوءِ جا منهنجو چنڊ آ ڪئن ٿيندي مايا؟
سامي! آجايا، آهن تنهنجا وسوسا.

هڪڙي پرڪرتي نہ پر، ڪيئي پرڪرتيون،
ڏس، ڪيڏيون نِرتيون، سامي آهن 'ناٿ' ۾!

Gul Hayat Institute

ڪَتين جي اوپار ڏي، منهنجون نِهارون،
۽ تن جون سارون، مايا ناهن ساميا!

راتيون جي رَچناتِمڪ سي ڪٿن مايا ڙي؟
چنڊَ سمايا ڙي، تن ۾ چِهرا ڪيترا!

هن اونهي آڪاش ۾، هي ماڻهوءَ جو منُ،
۽ هي آتم ڌَنُ، جوت نہ آهي جوڳيا!

سامي! آهيان آءٌ بہ هڪِ ساڪي سرجڻهار،
هي منهنجو جنسار، جوتِ نہ آهي جوڳيا!

مون بہ تہ آرتَ آروپ، آندا آهن روپَ ۾،
ڪَوتا رنگَ آنوپَ، روز ڏنا بيِرنگ کي.

Gul Hayat Institute

چڱڙو ڪڏهن ڪونہ ڪو، جيئن لڳ جهيڙو،
سامي، گهر پيڙو، تيستائين جهيڙو ڪندي،

سامي! ماڻهوءَ آتما، آهہ انوکي وَت،
اُن جي کهڙي ڪَت، جا چانڊوڪي چنڊ جڙي!

سامي! چنڊ نيڻان ۾، ڏٺي ڏئي ٿو،
۽ پو ٿئي ٿو، ننگي ڇاتي نار جي.

ٿلسيءَ پرسان ساميا! ڏيئو ٿو ٻارين،
وَر وَر جيئارين، مون ۾ کهڙيءَ جوت ڪي؟

سامي! چنڊ ڪريڙ جي ڪامڻ ۾ آنڪي،
تاڙي ٿو لنڪي، توکي تنهنجيءَ چتر تي.

واهوندي جي واءُ ۾، سامي چنڊ لڏي،
ويندو نيٺ ٻڏي، جونجهڪڙي ۾ جيٺ جي!

سامي هي آڪاڙ، سو سمرتيون واءُ ۾،
چنڊ جيان مون قاڙ، چٽي چٽي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

سامي مون ويساک کي، آهي وَرنايو،
اڄ ساڳو ڳايو، دوهو ڪوئي درد مان.

سامي، ڪتيءَ راتڙي، پرينءَ ريءَ پيئي،
ڇڻ مون مان ويئي، ساري مايا ڳالهڙي.

پيري جهڙي پوهہ، جوينُ آرهڙَ ڏينهڙا،
کهڙي ڏوهي ڏوهہ، ايڏو ڪيو انسان سان!

سامي مدامي، آهي ڪهڙي جندڙي؟
وَتَ وڃي ڪامي، وسائي هـَر ڏيئڙو.

ڇا لئہ جيئڻ تو گھرين، سامي مدامي؟
ڇو نہ ٿيئين عامي ٻون جئن گُل گلاب جو.

خوشبو گل گلاب جو ڏيئي ڇڏي تو،
ڪيڏو وڻي تو، چار ڏهاڙا چَنڪڙو.

پٽر ڪان بہ پري ٿئين، سامي پو چاهين،
جي تون نہ ڏاهين، پٽر مان ڪا مورتي.

مٽيءَ مان ڏاهي، ماڊوءَ کي پوڄين پيو،
مٽي ڪجهہ ناهي، سڀڪجهہ ڪرت ڪنيار جي.

* مايا ڏيوالي؟ سامي تون ڇا تو چئين؟
لڪين گُلَ رابيل جا، توڪان سوالي،
آڪٽ ڏيکٽ آپ ۾، خال نہ ڪو خالي،
متَدُ سان متوالي، هر شيءِ هن سنسار جي.

---

* ڏاڍي ڏيوالي مايا ڏاڍئي ڏندري (سامي).

Gul Hayat Institute

جو اسٿت آڪاس جئن، تنهن کي ڪهڙو ڏر!
پورڻ پرميسر، ماڻهو پنهنجي پاڻ ۾.

سامي! مون ڳولي لڌو، آنيءَ آدي گهر؛
پوٿي نہ ٿو پوٿجي ڪڏهن سورڳ در،
آهيان آءٌ امر، معني ڇاهي موت جي؟

مايا نہ پاپڻ، سامي تون ڇا ٿو چئين؟
جيڪا ماٿي سنگهرون، سهي نہ ٿي مڻ،
جنهن ۾ آهي پڻ، ايڏو سارو آجپو.

سامي هن مايا متان، مون من مور جيان،
او مان شال تيان، مايا جيڏو موهڻو!

سامي هن سنسار جو، آهيان مان پوجڪ،
مون ۾ ناهي موت ڪان، نہ وانگر ڏڪ ڏڪ،
ڪيڏو موت وشال آ، جيون سوڙهو لڪ،
دلڙيءَ جي دڪ دڪ، پياري آ، جيسين هلي.

سچ پچ رڳاري، سامي! مايا موهڻي،
روپ ڪڏهن ڪنهن سندريءَ جو ٿي جي ڌاري،
وهہ ٿي پيئاري، جڻ تنهن جي ونجوڳ ۾.

Gul Hayat Institute

ساميءَ! اهڙي مورتي، چاهيان تو تاهيان،
جڳ کي پوڄائي چوان، آءٌ اها آهيان،
آءٌ نيوالو موت جو، ناهيان ڙي ناهيان،
ڌرتيءَ تي لاهيان، سُرڳ سوين آڪاس مان.

هن ڌرتيءَ جو ڏک پيي، ساميڙا آڪسير،
ڇا ڇا ڏوها ڏکن جا، آڻن نيڻين نير!
دل کي اهڙو ڌير، ملي سُور نہ سُکن مان.

تو جو ڏنو ڏک، سک نہ پاڙيان آنءُ سان،
ساجن تنهنجيءَ سار جي مٽ نہ ڪوئي سک،
ڇڻ هي منهنجو مُک، سوتين سان پرڄي ويو.

ڪاريون راتيون پوه جون، ۽ تون مون کان ڌار،
سڄڻ! تنهنجي سار، آ ڇڻ باک بسنت جي.

پل پل آهين ياد، مون کي منهنجي ماڳ جئن،
تون منهنجي هر ساهه ۾، آهين ڪا فرياد،
تو بن مان آزاد، پر آزادي اوپري.

ڪيڏو آ سنگيت ۾، هي سارو سنسار!
سامي ڪيڏو تي ڇڪي مايا آپرمپار،
ماڻهوءَ جو گهرٻار، موهي ماڻهوءَ هيڻڙو.

ماڻهو ماڻهوءَ کان جدا، ڇا لاءِ ٿئي ٿو؟
ڇا لاءِ ڏئي ٿو، ھڪِڙي ايڏا ميهڻا؟

سامي ھيءُ جهانُ، مايا سان ڏي موهڻو،
سانيڪي ۾ سچ جو، پاڻيءَ ۾ اشنانُ، *
اِن کان وڏ" مهانُ، مُڪتي ڪا انسان جي؟

سامي سچُ تلاوَ ۾، آهي سهسين روپَ،
ڪيڏا روپ آنوپَ، سانجهيءَ ويرِ سُونهن ڪي!

ڪنهن بہ آمرتا کان ڇڳيون، مايا چار گهڙيون،
پائُوريءَ جي پُور تي، تمڪي مينهن ڪٽيُون،
موتين جيئن جڙيون، ڇڻ ڪنهن چندنہار تي.

پپيتُ پريندين ايئن؟ ھرڻ ھيئن سڄهي ڪري!
ھُو جو رُلي روھہ ۾، آن کي ماريئہ ڪيئن؟
ڇپن نہ اڳي جيئن، اڇاي ڇپ" ڇلانگ ۾.

---

* سانيڪو — ٿر ۾ سٺ پُرھہ کوھہ
اشنان — سنان، ٽڙ، وهنجڻ.

Gul Hayat Institute

ساري رات رباب، وڄندو رهيو روهہ ۾،
منهنجو روح رُنو پَئي، سڙهي جيئن ڪباب،
آڪين آرتو آب، آندو سارَ سپيريان.

ڪنڊيءَ مٿان ڪانوَ، جڏهن لات لنوِي پَئي،
مٺو منهنجي هانوَ، چڻ توسان وِيڄهي ڏنو.

پاٽيءَ ويندِي مورڻِي، گهاٽي جهي ڪاٽي،
آنَ جي سُرسائِي، سارينديون سپ سُڄَّ ۾.

جهومڪ جهلي ايئن، گاڙهي روپ گُٿول تي،
تارو هجي جيئن، پرسان چوڏهينءَ چنڊ جي.

آهيان آنءُ اُداس، تو بن منهنجيَ مورڙي،
تو لئہ تاماريو رهي، چڻ منهنجو بنواس،
هي جو منهنجو سواس، ساري تنهنجي سواس ڪي.

گهنگهرياﻻ وار، پيرين گهڻ گهڻ گهنگهرو،
اڄ بہ منهنجي سار ۾، تنهنجا ڇم ڇم پيار،
پرڏيهي تو پار، سُور نہ ملِيا ڏيهہ ۾.

Gul Hayat Institute

تون جئن انو کو، منهنجا پرڏيهي پرين،
جيءَ ڪٺي جو ڪُو، جيڪر پهچان پار مان!

توسان منهنجي ڏيٺ ۾، منهنجا پرڏيهي پرين!
جهڙو چرڪي چيٽ ۾، تهڙي تڙپي پوهه ۾.

هي جو ڪڙو ڪيرٿر، چاڙهي نہ چاڙهي،
سرهہ سڄاڻي، پريان چوڏهينءَ چنڊ ڪي!

آخر گهايل گدڙ جو، ايڏو ڇو پيڇو؟
ڇيڇي، ڇيڇي، ڇو، ڪنهن جو رت وهائين!

ڪنهن جو ساهہ وٺين پيو، سڻي فجر بانگ،
ڇپڻ مٿ چلانگ، ڪيڏا گهايل گدڙ جا!

نہ ڪي تون ڪا سئي، نہ ڪو آرياڻي،
تنهنجي ڪهاڻي؟ تون ڇو وندر وات ۾؟

سامي هن سراءِ جا دروازا ڪيئي،
ڪولي سپيئي، ڪنهن بہ نہ ڏٺا ڪينڪي!

Gul Hayat Institute

ڪمري ۾ ڪمرو هيو، ڪوٺي تي ڪوٺو،
تن ڪان ٻيو پوٺو، ڀرتي ڪنهن ٻولار ۾.

مايا ڪي مايا چئي، مور ڪيا ماڙي،
چاندوڪيءَ ۾ پيار تي، چادر ڪي تاڻي،
مون پاڻي ’هاڻي‘، سڀ ’سياڻا‘ گهوڙياه

تو تن تي بندوق آ، پنهنجي چو تاڙي؟
چشمي ماڻ پاڙي، هي جو پيئڻ آئيا.

سامي هي سپنو، ڪيڏو آهي سوهڻو!
ڪيڏي ڪرڪير تو، آهي آڌوتي ڪئي!

سپني ۾ سنسار سڀ رچنا رچائي،
سپنو تنهنجيءَ جاڳ ڪان، ڪيئن ٻرو پائي؟
جاڳ ته آجائي، ’آنهه‘ سمائي ’ناهه‘ ۾!

ڳهلا ڳوٺائي، سامي! منهنجي شهر جا،
* اِن ۾ ڪهڙو هرج آ، مڃان ٿو پائي،
رچنا رچائي، سپني سڀ سنسار ۾.

---

* هرج — نقصان

سامي! ڪهڙي سچ ڪي، ويٺو تون ڳولين؟
مان بہ تہ پڌان ’نانهہ‘ ۾، ڇا تون تون ڦولين؟
ڇاڇــر ڇاڇولين، اونهي ڪي پٽ تي ڇڏي!

* هڪڙو ڏي اشلوڪ روز وڄهين تو مٽ ۾،
آہ ڪيان تو آنہ ۾ پوڙا! تولہ پوڪ،
ناهي سڳر توڪ، ڪوئي تنهنجي ’نانهہ‘ ۾.

سامي مون سنسار جو، پوڪان وڪر سوداءُ،
سچ آهوئي رڳو، ليڪن منهنجا ياءُ،
پيو سڀ ڪوڙ سنڀاءُ، ڪجهہ بہ نہ آهي ’نانهہ‘ ۾.

** ڪاڏہ ڳـڙ جائـي، مشڪين ڪشڪين ڪين تو!
ڇڪي ڇيٽ ڪري ڏنو، مون بہ تہ سودائي!
ڪنڌ رڳو ڪائي، دليا ڏنئي ديس ڪي.

سپني مان جاڳي، آ ڪهڙي جڪ مارڻي؟
سامي، ساريءَ ’نانهہ‘ ۾، ڌرتي سڀا ڳي،
جنهن سان مون واڳي، سپاري سرت سنڀاو ۾.

---

* اشلوڪ ـ سلوڪ.

** گونگو ڳـڙ کائي مشڪي ڪشڪي ڪينڪي (سامي).

Gul Hayat Institute

جي مايا کي ڏن جي، ڏئين تو معنيٰ،
سڀ تنهنجا طعنا، آءٌ بہ تو ورجائيان.

سامي ڪيرڙ ڪريڙ جي، جهئين مماتي،
ماڻهوءَ حياتي، ايئين پوري ٿي ٿئي.

□□□

Gul Hayat Institute

## وائيون

پٽـــري تـانگر تـــوڪرا، آسر جو آيون،
ويڙهي واس بسنت جو.

چنگون آجيون چيڙه ڪان، چنبيلي پايون،
آسر جو آيون،
ويڙهي واس بسنت جو.

آرياڻيون پنهنجي ڳـڙي سون جو هيرايون،
آسر جو آيون،
ويڙهي واس بسنت جو.

گهر گهر ڪيرون لٿهيون، در در واڌايون،
آسر جو آيون،
ويڙهي واس بسنت جو.

Gul Hayat Institute

* * *

ڪنگوءِ ٿارا واٽَ ٿي ڏسي ٿڪ نہ پيچُ،
آءٌ چوان ”مون مچُ
ڪَر مانجهاندو ماڳَ ٿي.“

چم چم ڪِنِڍو چاچِڙِي وِڄُ جيان تون وڃُ!
آءٌ چوان ”مون مچُ
ڪر مانجهاندو ماڳَ تي.“

ڪيئن وساريندين وَچن، تو ۾ ٿَري ٿيچُ!
آءٌ چوان ”مون مچُ
ڪر مانجهاندو ماڳَ ٿي.“

* * *

Gul Hayat Institute

چنڊ لٿي چانگو
پهچي ويو ڪاڪ تي

آهي پوڻين پهر کي سوجهرڙي سانگو
چنڊ لٿي چانگو
پهچي ويو ڪاڪ تي.

پنڌ پرانهين پار جو ڪيڏو اڙانگو!
چنڊ لٿي چانگو
پهچي ويو ڪاڪ تي.

پوءِ بہ ڳاڙهي باک جو سودو سهانگو،
چنڊ لٿي چانگو
پهچي ويو ڪاڪ تي.

Gul Hayat Institute

* * *

چاندوڪيون راتيون
چنبيليءَ جي واسَ ۾.

چنڊُ پيو وهنجي مٿان سانوڻَ برساتيون،
چنبيليءَ جي واسَ ۾.

ٿاريءَ ٿاريءَ نينڊ ۾، پڪين جون لاتيون،
چنبيليءَ جي واسَ ۾.

توکي ساري سپرين، مون واڻون ڳاتيون،
چنبيليءَ جي واسَ ۾.

* * *

Gul Hayat Institute

ڌڪي پيئي ڌَرَ
ڏِسي ڪُنوڙ ڪرَ،
اڇن ٽا اڏ رات جو.

واڇهه گهٽائن مان وڄهي
چنڊ پيو هٽر هٽرَ!
اڇن ٽا اڏ رات جو.

ڪيڏا آهن واٽ ڪي
واسينگن جا وَرَ!
اڇن ٽا اڏ رات جو.

گهوڙن سنب وڏن پيا
ڏڪائي ڏونگرَ!
اڇن ٽا اڏ رات جو.

نيٺ نه آيري پئون ته ٽي
سونا ڪري سرَ!
اڇن ٽا اڏ رات جو.

* * *

Gul Hayat Institute

دونهيون ڏنارن
اوري آيون باک کي.

ٽم ٽم ڪٿمي ڏنڊ ۾ رات پنهنجيءَ تارن.
ڦيرا ڏئي واءُ ۾ پکي پکارن.
جهونجهڪڙي جي جيءَ کي ڏونگرچڙ ڏارن.
ٻُٽون ٻوٽن، لاٽيون سهڙي سوارن.
دونهيون ڏنارن اوري آيون باک کي.

* * *

Gul Hayat Institute

ڪيڏي آسر آيس،
آهي ڪاريءَ رات ڪي!

پيلهہ تہ مون سان ڪونہ آن،
ڇو نہ اچين ٿو ڪِيس؟

ڏِس! ڏونگر ۾ سوجهري،
وَر وَر وڏا وِيس!

ماڻهو منهنجي ڏيهہ جا،
ڏيس ڪروڙين ڏَيس!

ڪيڏي آسَرَ آيس،
آهي ڪاريءَ رات ڪي!

Gul Hayat Institute

* * *

آمن جا امڪانَ
ڪيڏا ناهن جڳ ۾!

سمجهن ٿا سيڪجهہ وڙهي،
ناسُ ڪندا نادانَ!
آمن جا امڪان
ڪيڏا ناهن جڳ ۾!

اڳ جئن ڇيتي جا ڇنبا،
آهن نہ انسان-
امن جا امڪان،
ڪيڏا ناهن جڳ ۾!

ناگاساڪيءَ ڪي ڏَڪيي،
ڏٺو نيٺ جهانَ-
امن جا امڪان،
ڪيڏا ناهن جڳ ۾!

آهي ڏيکاري ڪَسِي،
ير! توڪان يرقان-
امن جا امڪان،
ڪيڏا ناهن جڳ ۾.

* * *

Gul Hayat Institute

آهہ اُکيا ڳوڙها
توکي ڪيئن لڪي ڪيان!
او آزادي! ڪيترا تـوتي هـا لـوڙها؟
پهتو آهيان تـوکي لڪ لنگهي سوڙها
نيٺ تہ منهنجي پيچري ماڻهو متت- موڙها.

* * *

Gul Hayat Institute

سپني جي ورِيجاڻَ
آڏي آهين اوچتو.

مون تان تڪ ترن جا لاهي، آئينءَ پاڻَ
سُپني جي ويجاڻَ!

او شل! ڪالهوڪي آڇي ساري ديسَ سڄاڻَ
سُپني جي ويجاڻَ!

او شل! منهنجا پائڙا پيڙا ٿين پاڻَ!

* * *

Gul Hayat Institute

مان ڀانيان مون جيڙي آڇٽي آهين تـون،
آءٌ نہ مرندس آڳ ۾.

اُره اُڀاري ڳَـجَّ مان واسي واسَ چـڱون،
اڇٽي آهين تون،
آءٌ نہ مرندس آڳ ۾.

سُرهاڻيون ٽينڊي سـُوين مان ڀانيان هيءَ ڀـُون،
اڇٽي آهين تون،
آءٌ نہ مرندس آڳ ۾.

سونيون ٽينڊيون سجَّ سان ڀڙڪيي نيٺ ڀٺـُون،
اڇٽي آهين تون،
آءٌ نہ مرندس آڳ ۾.

Gul Hayat Institute

* * *

ڪونجن قطارون،
آءُ ڏسان تو آيءَ مُ.

مون تائين پهچي وڃون متين مهارون،
آءُ ڏسان تو آيءَ مُ.

سائيا سان سرچي وڃون سپنن جون سارون،
آءُ ڏسان تو آيءَ مُ.

ڌرتيءَ منهنجي ديس جيءَ لاٿيون مياروں،
آءُ ڏسان تو آيءَ مُ-
آءُ ڏسان تو آيءَ مُ-
آءُ ڏسان تو آيءَ مُ-

* * *

Gul Hayat Institute

ساڳيو چوڏهينءَ چنڊ،
وري نہ ويساکَ ۾.
منڊ تہ ساڳيي آهہ پر منڊ نہ ساڳو منڊ،
ڪجهہ بہ تہ ڦاسي ڪونہ ٿو، سنڌ نہ ساڳو سنڌ،
رُون رُون ڪري روز پيو رڳو جيئڻَ جنڊ!

* * *

Gul Hayat Institute

نہ سا ڪَڪر-ڇانوَ،
نہ سي جوڀن ڏينهڙا.
هاڻي ماڙهو موهڙا مـــون لئہ رڱــو نانوَ،
مڌّ مهانگو ڏيهہ َ ۾، تڌّ نـــہ لاهن ٽانوَ،
ڏسندينڪنهن ڏي ڏيّ لئہ وِههُ-وهاڻيل هانوَ!

* * *

Gul Hayat Institute

پيئي ورلهہ وسي،
چِٽا ايندا واڙ ۾.*

بندوقون پنهنجون پيا،
تکڻ روز پري،
چِٽا ايندا واڙ ۾.

متان ڪوئي ننڍڙي،
آڏيءَ رات ڪري،
چِٽا ايندا واڙ ۾.

جاڳو جاڳو ساٿيا!
متان جهپ لڳي،
چِٽا ايندا واڙ ۾.

Gul Hayat Institute

* * *

---

* چِٽا — چيتا.

ايئن نہ تاڙو تار،
متان چنڊُ لھي وڃي!

ٻاھر نڪري منڊ ڪي،
ڪِلي تون ڪيڪار،
متان چنڊ لھي وڃي!

و لھتہ چنبيليءَ ولّ تي،
تو لئہ ڏينھن ٻہ چار،
متان چنڊ لھي وڃي!

ماڪَ وري ھن مانگھہ ۾،
پوندي نہ پيھار،
متان چنڊ لھي وڃي!

Gul Hayat Institute

* * *

کونڌر ڪوهستان جا،
* مون جي ڏنا هيرَ،
اهڙا آءٌ نہ وِسهان.

آيري ڪارونڀار جئن،
آيا واهـَر ويرَ،
اهڙا آءٌ نہ وسهان.

روڪَ نہ تن تي راهـَ ۾،
گهـتَ گهـٽيئـي گهيرَ،
اهڙا آءٌ نہ وسهان.

پيٽَ نہ پڌيون پٽيون،
ٻگڙ ڍوڍا ڍيرَ،
اهڙا آءٌ نہ وسهان.

Gul Hayat Institute

* * *

---

* هير — هيل.

ويا ڏُرت ڏَجها،
ڏُک نہ ساڳيا ڏيهڙا!

لُوهہَ نہ سا لُوسات آ ،
آرها اڄ نہ آجها
ڏک نہ ساڳيا ڏيهڙا!

لتسيٺن لوڻا واٽ ني
جهانگين لاہ جهجها
ڏک نہ ساڳيا ڏيهڙا!

* * *

Gul Hayat Institute

وانديون وسايو،
نڪرو ڪاڇي ڪنڌ مان!

آڇي ڌرتي ديس جي،
آيون اُجهايو،
نڪرو ڪاڇي ڪنڌ مان!

آيو آيو وڏ ڦڙو،
آيو ڙي آيو!
نڪرو ڪاڇي ڪنڌ مان!

ڪڪر ڪارونيار تي،
جهجها جهڙ لايو،
نڪرو ڪاڇي ڪنڌ مان!

* * *

Gul Hayat Institute

او شل تازي تنَ،
تن ڳي آهُ آماڻيان.

اَڏري آيا گهرُ چڏي،
جڻن پت-جهڙ ۾ پن،

چار ڏهاڙا جندڙي،
* ايڏي اَجيرن.

چين ڪسين تا چيت ڪان،
ور ور مانيءَ ڪن!

ڪِهڙا ڪهڙا ورسورسا،
آهن ماڙهوءَ من!

Gul Hayat Institute

ڪيڏا جيءَ جُڪائيا،
ڏرتي! توتي ڏن.
تن ڪي آهُ آماڻيان،
تن ڪي آهُ آماڻيان،
تن ڪي آهُ آماڻيان.

---

* اَجيرن ـ اَجاڙ.

پٽنت اچي پيالا
آچ آچ تون منهنجي گهري.

کيپ نہ کٽن مدُ جا
مون وٽ متوالا!
آچ آچ تون منهنجي گهري.

سُرڪ پڄايو سيگهہ ۾
ڪٿي آلا لا!
آچ آچ تون منهنجي گهري.

ڪتيون جي آڪاس ۾
چڙ منهنجي مالا،
آچ آچ تون منهنجي گهري.

آچ آچ پيءُ تہ لاهيون
تارون تان تالا،
آچ آچ تون منهنجي گهري.

* * *

Gul Hayat Institute

هيءَ جا جيئڻ جاتِ،
پُوري ٿيندي ڪينڪي.

ڪيئي ويا ڳجهہ ۾ آئيري اوچا ڳاتِ
جيسين آهي جندڙي لُنءَ لُنءَ ٻري لاتِ!
سرتا! هن سنگرام ۾ وڙهي ڪيو وات!
آخر سڻُندا سمائيا گونجي سڀ ڳجڳاتِ،
پوءِ ڀي متان هيسجي پيڙي پڌو گهات!
چا چا آهن چنڊ جا لهر لهر چمڪاتِ!

* * *

Gul Hayat Institute

هي ٻولين ٻولڙيون،
سرليون ايڏيون سولڙيون،
پکي مار نہ پار جا۔

لڙکي کن جي لاڙ ۾،
آسرُ ويل اولڙيون،
پکي مار نہ پار جا۔

جن جا گيت اکيلڙا،
تاهين جن کي ٽولڙيون،
پکي مار نہ پار جا۔

نيت نہ تنهنجي جيءَ ۾،
ويندا آمرت گهولڙيون،
پکي مار نہ پار جا۔

Gul Hayat Institute

* * *

ڪونجون ٽيون ڪڪن،
سرتيون! اڄ ساريال تي. *

ساري مٺا ڪالهہ پلر بيا اونهي آڏرن،
سرتيون! اڄ ساريال تي.

ڪيڏي هير لڳي پئي وڇي روهہ رهن،
سرتيون! اڄ ساريال تي.

نيسث آڏارون آيو ۾، ڪيون مهندارن،
سرتيون! اڄ ساريال تي.

سانجهيءَ سان سرچي ويون، آڏري اوچايئن،
سرتيون! اڄ ساريال تي.

* * *

---

* نوٽ — ڪونج جو گذران ساريال جي ڪچڙن گونچن تي هوندو آهي. آڏامن مهل ڪونجون ڪڪنديون آهن. سيارو پورو ڪري بسنت ۾ روهہ ڏانهن وينديون آهن. وڃڻ مهل رات جو آڏامنديون آهن ۽ هوا ۾ تمام مٿي چڙهي وينديون آهن. آڏامڻ مهل ڪي خاص مهندار ٿينديون آهن ۽ خاص آواز سان ٻين ڪونجن کي پٺيان اچڻ لاءِ اشارو ڏينديون آهن.

Gul Hayat Institute

چا ھي سيڪجھ، ناسُ،
ٿي ويندو ڪنھن ’نانھ‘ ۾.

تو تي آءُ جھڪي آچان، سُواس ملائي سواسُ.
تھوڪي منھنجي مورتي! چپ ڪيان اِرداس.
ڌرتيءَ جئن توتي ڦُڙيون، اوتيان ٿي آڪاسُ.
منھنجي ڪُلھن آ گريون تنھنجون ڳولن ماسُ.
رُتِ ڦاٽين رابيلَ جو، چار ڏھاڙا واسُ!

* * *

Gul Hayat Institute

سالُ سڄو لوڙائيتا،
لاڙِي منهنجي لاڙَ جا.

ڏڏي آئي ڌنگ نہ پوندا،
سياڙپ ۾ سيبائيتا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

چڻ مُنڍيءَ تي ڏک لگن تا،
ڳالهہ ڪري ساڪائيتا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

آگهڻي سگهڙي سارَ لهن تا،
ماڻهو مُڙس وَڙائيتا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

سچڻي سٽَ سان ساٿُ ڏين تا،
پاڙن ننگُ نڀائيتا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

پڌرَ اوچ ۾ سادا سُودا،
ها، پر مٺهل مُلهائيتا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

Gul Hayat Institute

کانيِ کڏي اچ ويٺا آهن،
ڍِنگرن اوٺ ڏنگائيٺا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

گتيءَ وير نہ "جهول جهان ٿا"
جيئڻ ۾ جوکائيٺا،
لاڙي منهنجي لاڙ جا.

نيٺ تہ پُڇنديون پار اُنهن جون،
ٻيڙيون ۽ ٻيڙائيٺا،
لاڙي منهنجا لاڙ جا،
لاڙي منهنجا لاڙ جا.

* * *

Gul Hayat Institute

جيئن چڪڻ ۾ ٻيڙيون ڦاسن،
تيئن منهنجو من آهي.

* وَرِدَ ـ اوستا کي ورچڙايو،
ڪيڏو آ بيدرد دلاسن!

ٻاڙي تارون تار، اُنهي تي
پيارا رنگ شفق جا ڀاسن.

آهه آگهائيءَ ۾ تو سوچيان،
** ڇا جي لاءِ ٻيو اُپراسن؟

جيئن چڪڻ ۾ ٻيڙيون ڦاسن،
تيئن منهنجو من آهي.

Gul Hayat Institute

* * *

---

* ورِدَ ـ اوستا ـــ پيري
** اُپراسو ـــ فائدو.

* ٿاهن ويئيون پـَنرِ" مان هَيِ جي ٻُوراڙيي،
پـَٿيون ٻڏن پيٽ ڪي.

ايئن نہ سـَنـِيران صورتون، هرڪا چڙهي راڙيي!
پٿيون ٻڏن پيٽ ڪي،

پورهئي ڪان پو چڙهي آهـا، ساڙيي وساڙيي!
پٿيون ٻڏن پيٽ ڪي.

ڪيڙيءَ ۾ ڪيڪار جيـــي وسي وراڏـــي!
پٿيون ٻڏن پيٽ ڪي.

* * *

Gul Hayat Institute

* ٻوراڙي پـَنرِ" مان ٿاهين آهي.

ڳهليون ڳوناٽيون،
* مالهہ وَڻن ٽيون ڊيہ مان.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي کيل کيل جُواٽيون،
مالهہ وڻن ٽيون ڊيہ مان.

** ڳَلَن جهڳِٽا، ڏيہر کي سُرهيون سُرهاٽيون،
مالهہ وڻن ٽيون ڊيہ مان.

ڳڀيرو سارا ڳوٺ جا تن جون کهاٽيون،
مالهہ وڻن ٽيون ڊيہ مان.

ڪيئي آڏيءَ اکہ سان رُڻ جهڻ رهاٽيون،
مالهہ وڻن ٽيون ڊيہ مان.

Gul Hayat Institute

*** ڪارَپ تي ڪاڪا ڏئي، وِرچِي وَراٽيون،
مالهہ وڻن ٽيون ڊيہ مان.

---

* مالهہ ڊُين مان وڻيي ويندي آهي
** ڏيہر — هڪ ڍانديي (ڍنڊ وارو) گاهہ، جنهن جي چوٽيءَ ۾ ڳَلَن جو جهڳِٽو هوندو آهي.
*** ڪارپ — ڪاري ٽيڻ جو الزام.

کڏهن ايندين پيارَ!
پيرون پڪا چيٽ ۾.

جهڪي پيا جهنجهجي،
ڪلراٺي ۾ چارَ،
پيرون پڪا چيٽَ ۾.

* پٽڪي پوريون ڪن پيون،
تنهنجي تات تنوار،
پيرون پڪا چيٽَ ۾.

وڇڙاي ورهيہ ٿي ويا،
سرتيُ! آئي سارَ،
پيرون پڪا چيٽَ ۾.

Gul Hayat Institute

* * *

---

* پوريون ــ ٻلبليون.

جتي مرون ترڳ ۾ آئي مڇ نہ پار،
سوچي وڪون وجهہ تون.

* ڏي تون ڦري ڦيرِ ۾ چڪر نہ چوڌار،
سوچي وڪون وجهہ تون.

** جهونجهڪڙي جي جيءَ مان ڦرندو ڦيريدار،
سوچي وڪون وجهہ تون.

*** لُوٽ ۾ هجي يا بگري ڪيرڻا سڄ هزار،
سوچي وڪون وجهہ تون.

* * *

Gul Hayat Institute

---

* ڦير — جهنگ جو سرڪاري ٽڪرو، جو وڏيڪ گهاٽو ۽ پوائتو هوندو آهي.
** ڦيريدار — سڄ.
*** لُوٽ — جهنگ جو اهو ٽڪرو، جنهن ۾ توريءَ توريءَ وٿيءَ تي لوا آپريل هجن.
بگري — ڏاڍو گهاٽو جهنگ، جيڪو ننڍو هجي يا وڏو پر پوائتو هجي.

امڙ نہ آيا
آرڻ مان اجُ پنڙا،

ڏرتيءَ ڪارا ويس ۾ ڇو
آهن سيايا؟
امڙ نہ آيا....

ڇو ٿو ڏسان موت جا
مان ايڏا سايا؟
امڙ نہ آيا....

آيا ڏرتيءَ جا ڏٿي
ڏرتيءَ جا ڇايا
امڙ نہ آيا....

جڏبا جيسلمير جا
ڪينجوءَ، خُدايا!
امڙ نہ آيا
آرڻ مان اج پنڙا،

* * *

ڪينجو — آپاوڙي ۾ هڪ ڳوٺ، جو سرحد جي قريب آهي.

آڳميو آهي،
وڄ‎ٿ بہ ڪيسين وڄ‎ٿ ۾!

ڪارا ڪڪر ڏور تان
آيا پَرَ ساهي،
وڄ بہ ڪيسين وڄ ۾!

ڪو ٿاهوڪو مينهڙو
آپ پيو ٿاهي،
وڄ بہ ڪيسين وڄ ۾!

مارو ملندا وسٿ ۾
ڏيهو ڏياهي،
وڄ بہ ڪيسين وڄ ۾!
وڄ بہ ڪيسين وڄ ۾!
وڄ بہ ڪيسين وڄ ۾!

Gul Hayat Institute

* * *

وهہ جي وٽي ورتري
تڪي توهان لاءِ
پياڪو ڪاڏي ويئہ؟

چنڊ چڏي آ چيٽ جي پنهجي پرسان جاءِ
پياڪو! ڪاڏي ويئہ؟

واس آڏائي وائيڙو ور ور ڪري واءُ
پياڪو! ڪاڏي ويئہ؟

اڄڪلهہ ڪوءِ ڪلال جي هوءِ نہ ڪائي هاءِ
پياڪو! ڪاڏي ويئہ؟

* * *

Gul Hayat Institute

تارا پوئين پهر جا اوشا لئہ آتا
ساجهر ايندا سپرين.

آندا رت رابيل جي جهوتا مند ماتا
ساجهر ايندا سپرين.

اڇا نڪتا نيرڻ تي ناهين ڪينهاتا
ساجهر ايندا سپرين.

پرڏيهي ڏيهي ڪندا نيرڻ جڻن ناتا
ساجهر. ايندا سپرين.

* * *

Gul Hayat Institute

لوئي هڏ مڙ لاهہ
آرھي ڍڪي آنگڙا
چڪ پڪليون چوٽيون چوڙي وار نہ ڻاهہ
جان جيئري تان ڏاڍ تي باھيون ويٺي باهہ
سٽ رچيءَ کي سٽ سان متئي موڙ نہ چاهہ

* * *

Gul Hayat Institute

پتڻ لڳي چو نہ
هيءَ ٻيڙي ٻيڙائتا؟

جنهن جيي منهنجي جيءُ ۾ آنديءَ مانجهيءَ اونَ،
پتڻ لڳي چو نہ
هيءَ ٻيڙي ٻيڙائتا؟

جٽر کي جرڪائي وڏو ڪيڏو سانجهيءَ سونَ!
پتڻ لڳي چو نہ
هيءَ ٻيڙي ٻيڙائتا؟

پکيھ چـــوڙيا پاڻيءَ اچان ڪنڊيءَ ڪونَ!
پتڻ لڳي چو نہ
هيءَ ٻيڙي ٻيڙائتا؟

Gul Hayat Institute

* * *

بندرَ بازاريون
ڪنهن بہ بدنيا پاڻ سان.

چا کو آهي جنهن ڪنيون نيريئہ ناتاريون؟
دُور چڙهي درياهہ جشون ڪيڙانئو ڪاريون
ڪلهہ ڪان ڪنڌيءَ ڪيترا ڊانيون ويا پاريون!

* * *

Gul Hayat Institute

مَيچَ وڏا ماڻگر
قهري ڪُنَ ڪلاچ جا
لـولا لنگڙا مـورڙيا کهـڙا سَنڌ سَپر!
پيُچ پَچاڙون ايتريـون سِجهن نـہ ساڻپر.
مون ڏي گهوري غوُر سان چا ٿيي سانپي چَر؟
ماڻهو مَنگهي پير جـا گينواريا گوُندَر....
قهري ڪن ڪلاچ جا
قهري ڪن ڪلاچ جا.

* * *

Gul Hayat Institute

ڪِيتَ بہ ڪَنڌِي ڪانَ،

سجُ لهي ٿو سمنڊ تي.

ٽڪا هڻــــي انگــــڙا ســـارو ڏيئهن سڱــانَ.

مان پانيان مُنهنجا پرين ايڏا بــــ ويجها نَ،

ڪجهہ تــــ چئو چوليون، ايندا يا ايندا نَ!.

* * *

Gul Hayat Institute

گَجرين گجّ جھُڪائيا،
پيچا پوکين ڪيت ۾.

ايڏو اڳي منُد ڪــان جوئر سنگ نِوائيا!

اُتــرَ اوتَ ٿَـي پٿي گھـگھا جنھن اُڏائيا.

ٻگھہّ وِسُوڙا اُسّ ۾ ڪيڏا سيءُ سُڪائيا!

پنيون پنوهارين جـون ڏِسي وِسِمَـئہ آئيا.

* * *

Gul Hayat Institute

گهنگهہ ڪيا گهوگهاٽ،
آئي ورير وڏاندري.

آڌيءَ راتِ سمونڊ ۾ ڇولين جا ڇلڪاٽ،
آئي ورير وڏاندري.

ڪيڏا ٻيڙا ٻارِ ۾ ڪيڏي آگن آٽ!
آئي ورير وڏاندري.

ڪهڙي ڪپر تا پڇون، اڄ واري گهر گهاٽ؟
آئي ورير وڏاندري.

* * *

Gul Hayat Institute

منهنجي ننڊ کسي ونڻين ڪيڙي ڪنٿار!
سو گهو آ پيهار،
منهنجو ساهہ سگهندَ ہُ.

اکڙين نہ تو ڄي جنڊڙي ايئن ڪئي پلهار،
سو گهو آ پيهار،
منهنجو ساهہ سگهندَ ہُ.

آئي آسر ويرَ جو هيرَ ڪٿي هُپڪار،
سو گهو آ پيهار،
منهنجو ساهہ سگهندَ ہُ.

ساڳي سُر سان ٿِيڻ وَڃي تنَ جي هرڪا تار،
سو گهو آ پيهار،
منهنجو ساهہ سگهندَ ہُ.

Gul Hayat Institute

* * *

ساري رات رهاڻ،
رات ۾ ڪئي رابيل سان!
مون ۾ تنهنجي سار جي ايئن هئي سرهاڻ،
مَنَ ماڪيءَ جي مک ۾ جئن آڏاڻو تو ڪاڻ،
تون جا ڳالهه ڏوڪري ڪئي آهين هاڻ؟

* * *

Gul Hayat Institute

اڇين تـــي اڌ رات اٿـــي ڪٿن نـہ وهان،
تنهنجي آڏرياوَ لئي!

جيوَن تنهنجي آرتـي تـــو لئي گهت چوان،
تنهنجي آڏرياوَ لئي.

مون ڪانُ پوءِ اٿـــي لنوَن پکي لامُن تـــان،
تنهنجي آڏرياوَ لئي.

ڏيٺي وانگــر جنـــدڙي پارهوئـي بـــاريان،
تنهنجي آڏرياوَ لئي،
تنهنجي آڏرياوَ لئي،
تنهنجي آڏرياوَ لئي.

* * *

Gul Hayat Institute

وِجهو چِتن چارَ،

وچڙي پئي راتڙي!

باقِي تـوري رات آ تيندِي سجَّ آيـارَ.

چِڙا چِنگ وَچن پيا لُنءَ لُنءَ آڻي لارَ.

ڪنهن بنسيءَ جي تانَ سان پُرن تا پِئي پارَ.

وچي پئي راتڙي ...

وچي پئي راتڙي.....

وچي پئي راتڙي.....

* * *

Gul Hayat Institute

ڪيڏو آڳ ۾ اُلاءُ،
ڪيڏا ڦٽڙا ماڪ جا!

پَن پَن ۾ هر تار تي ڪيڏو چنڊ چٽاءُ!
ڪيڏا ڦٽڙا ماڪ جا!

ڏارَ ڏِياٽيون ٽِيئي وِيا آيو اُتر واءُ،
ڪيڏا ڦٽڙا ماڪ جا!

هي ڪهڙيَ اِسرار جو لُڙ لُڙ منجهہ لقاءُ!
ڪيڏا ڦٽڙا ماڪ جا!

* * *

Gul Hayat Institute

سانوڻ وڻ ورهنجن،
ڪيڏيون آيون اوڙڪون!

رات رڇي ويا ڪيڻن ۾ توڪي ساري ڪن،
ڪيڏيون آيون اوڙڪون!

منهنجيءَ تاتِ تنوار جئن مورَ ٿهوڪا ڪن،
ڪيڏيون آيون اوڙڪون!

توڪي ساري ڪوئليون ڪدمَ تي ڪوڪن،
ڪيڏيون آيون اوڙڪون!

تو لئہ تانين راڏڪا برڪا رُت ۾ ٻن،
ڪيڏيون آيون اوڙڪون.

Gul Hayat Institute

تون ئي منهنجي مُک تي تون منهنجي منِ!
ڪيڏيون آيون اوڙڪون!
ڪيڏيون
آيون
اوڙڪون!

* * *

نہيٽان نہنڊ وَئي،
اڄ جو آڌيءَ رات جو!

ڪائي ڳجهي ڳالهڙي مون سان چنڊ ڪئي،
نيٽان ننڊ وئي!

سڪيءَ سيج سڪي ڪئي مون کي ڏنءَ ڏئي،
نيٽان ننڊ وئي!

سون کي ساري راتڙي پرينءَ ريءَ پئي،
نيٽان ننڊ وئي!

* * *

Gul Hayat Institute

* چڪيا چمڪا ڪيو ساري ساري رات،
روئي روئي رت ڦڙا.

ڪيڏو سڙان سانت ۾ واڍي ڪاٻہ نہ وات!

ٻڙ ٻڙ ڪن ٿا پاڻ ۾ ڪيڏو ذات ڪذات.

ڏونڏاڙيندي ڏنڌ ڪئي پڌري ٿي پرڀات.

چڪيا چمڪا ڪيو ساري رات،
روئي روئي رت ڦڙا.

* * *

---

* 'چڪن نہ ٿا چاڪ تنهنجا اڄ اياز ڇو؟'
(تاجل بيوس)

Gul Hayat Institute

پارڻ پار نه هاڻ،
هٿ ڪتي جي سيڪيا!

ورندا ڪڏهن واهرو،
ايندا پوري پاڻ؟

سٿهڙي جن لئه سيءَ م،
سيج لتي لالاڻ.

پيو پنهنجي مچ ڪي،
رڱيو تون ٿي ماڻ!
هٿ ڪتي جي سيڪيا!
هٿ ڪتي جي سيڪيا!
هٿ ڪتي جي سيڪيا!

* * *

Gul Hayat Institute

ماپ بہ کهڙي ماپ آ،
ماڻُ تہ کهڙو ماڻُ ؟
آءٌ پڻائي ناهيان.

آءٌ اڪيلو واٽَ تي مون سان پنهنجو پاڻُ،
آءٌ پڻائي ناهيان.

آءٌ تہ رُڳو آءٌ هان منهنجي سيرتِ سڃاڻُ،
آءٌ پڻائي ناهيان.

ڪيڏو ڏنم ڏيهہَ کي، پوءِ بہ پرديل پاڻُ !
آءٌ پڻائي ناهيان.

* * *

Gul Hayat Institute

مون کي منهنجي مٽون ڏَئي،
آئي آهين تون،
ڪويتا جي روپ ۾.

ڪيڏا وَسيا مينهڙا پيئي ساري پون،
ڪويتا جي روپ ۾.

ڏيئُ ڏارائن آپُ ڪي ساري رات پيئون،
ڪويتا جي روپ ۾.

ڪيڏي پياري جندڙي تونڙي ڏينهن تہ ڏون!
ڪويتا جي روپ ۾.

* * *

Gul Hayat Institute

چوليون آڏاڻيون،

پائي پيچ پهاڙ سان.

اوچائــيءَ ڏي اوچتــو آڏيءَ آمــاڻيون،

ڪِٿائي ڪِهڙي چنڊ جِـون چٽنگون وِڻائيون،

کهڙيون هيڏي هلَّ ۾ رنڌجهڻ رهاڻيون!

سرچي ويــون سانت سانِ مهل مگر ماڻيون،

پائي پيچ پهاڙ سان.

* * *

Gul Hayat Institute

جوئيي مان سوئيي،
ساري راتِ سموندِ م.

هونئن تہ ڪارونڀار ۾ رهيو نہ ڪوئيي،
ساري رات سموند م.

مون کي منهنجو 'مون' ڪري تابيار يو توئيي،
ساري رات سموند م.

ڪيڏو جـرَ جـرڪائيو سارا ڏک ڏوئيي!
ساري رات سموند م.

* * *

Gul Hayat Institute

سُرڪ ڪويتا جي جڏهن تارونءَ تي آئي،
آهه ڇهو مت ڏوگهيان.

سُرت اچي ڪنهن سِير جئن مون ۾ سمائي،

ساڃهي سان سرچي وئي ڏاهپ مون ڏائي،

آنو ڪائيءَ ايتريءَ ڪَتَ نہ آ ڪائي،

ماڻهوڻن جي ميڙ ۾ ڪائي پنهنجائي!
آهه ڇهو مت ڏوگهيان.

* * *

Gul Hayat Institute

ڪيڏيون مڌماتيون،
سارَوڻيون اڄُ ساهَ ۾!

چاندوڪيءَ جي چِڪَ مان تو جهاتيون پاتيون،
نِڪِ نيڪيترَ چِڄَ ۾ روپَ رَتيون راتيون،
تو لئه منهنجون سانوري لانوَن جئَن لاتيون.

* * *

Gul Hayat Institute

آئي ڙي آئي،
مـُون گهرُ باک بسنت جي.

سموريءَ سُرهاڻ سان مــون گهر سـَرهائي،
آئي ڙي آئي.

مُرکي ماکَ ڏرُي پيئي وَڻَ وَڻَ واڌائي،
آئي ڙي آئي.

مـون سان منهنجي پاکُرِدين پيهـر پٿائي،
آئي ڙي آئي.

قـوليي هــن قُلار ۾ سنـڌ نـه سمائي،
آئي ڙي آئي.

Gul Hayat Institute

* * *

# ڀلنامو

| صفحو نمبر | سٽ نمبر | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٣ | ٩ | هيءِ | هيءُ |
| ١٥ | ١ | جيئن | جِيئن |
| ١٦ | ١ | ايئن، | جيئن، |
| ١٦ | ٢ | جيئن، | ايئن |
| ٢٩ | ٨ | سايبان | سايبا |
| ٣٢ | ١٠ | ڏين | ڏرين |
| ٣٣ | ١ | جيئن، | جيئن |
| ٣٣ | ٢ | پيئن، | پيئن |
| ٤٢ | ١٣ | سوٽ | سوٽ |
| ٤٣ | ١٣ | گهر | گهر |
| ٤٦ | ٦ | گل | گلن |
| ٥٣ | ١٣ | متان | متان |
| ٦٢ | ٨ | مون | آنءُ |
| ٦٥ | ١١ | تيئن | تيئن |
| ٦٩ | ١٢ | هجي | هجي |
| ٨٥ | ١ | واءِ | واءُ ۽ |
| ٩٩ | ٩ | نانگ | نانگ |
| ١٠٣ | ١١ | مان ٿي ميواڙ | مان ٿي چتن ميواڙ |
| ١٠٣ | ١١ | مان ٿي پرتاپ | مان ٿي هان پرتاپ |
| ١١٨ | ٨ | آهوڻي رکو | آهوڻي آ رکو |
| ١٤٢ | ١ | هي ٻولين | هي جي ٻولين |
| ١٥٣ | ١٠ | وياهي، | ويساهي |
| ١٦٠ | ٤ | نَ، | نه |
| ١٦٠ | ٥ | نَ! | نهُ! |

Gul Hayat Institute